مطبوعه ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

مقالو نمبر - ٨

# سر ساموندي جو مطالعو

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

١٣٩٤هه/١٩٧٤ع

5/50

مڪالمو نمبر -٨

# سر ساموندي جو مطالعو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ٻه سؤ ايڪيهين ٻارهين
(١٩٧٣ع) جي موقعي تي منعقد ڪيل مڪالمي جي ڪارروائي

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ
١٩٧٤ع

ڇاپو پهريون    صفر ۱۳۹۴هه / مارچ ۱۹۷۴ع    هڪ هزار ڪاپيون

قيمت ۴-۰۰

ملڻ جو هنڌ:

الهه بخش. ايم. نظاماڻي

اعزازي سيڪريٽري

شاه عبداللطيف ’ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي‘

سنڌ يونيورسٽي (پراڻي عمارت)

حيدرآباد سنڌ

يا

ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاه، ضلعو حيدرآباد.

---

هيءُ ڪتاب سنڌ پرنٽنگ پريس، اڪال يونگا گهٽي، حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ الهه بخش. ايم. نظاماڻي اعزازي سيڪريٽري ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽائي، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

# مهاڳ

حضرت شاه عبداللطيف رحه جي مستند سوانح ۽ شاه جي رسالي جي جامع ۽ معياري متن مرتب ڪرڻ لاءِ سنه ١٩٦٦ع ۾ بنده راقم، اعزازي سيڪريٽري جي حيثيت ۾، ”شاه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي“ جي آڏو هڪ تفصيلي تجويز پيش ڪئي، جنهن جي مدنظر ڪاميٽي پنهنجي گڏجاڻي مورخ ٣٠ سيپٽمبر ١٩٦٦ع ۾ حضرت شاهه صاحب جي سوانح توڙي رسالي جي مختلف بنيادي ماخذن کي شايع ڪرڻ جي رٿا منظور ڪئي. ان کان پوءِ حضرت شاهه صاحب جي شاعرانه عظمت ۽ رسالي جي تفصيلي مطالعي خاطر اهو پڻ طيءِ ڪيو ويو ته هر سالگره جشن جي موقعي تي حضرت شاه صاحب جي فڪر، ٻولي ۽ شاعري جي خاص موضوعن ۽ رسالي جي سيني سُرن مان هرهڪ تي عالمانه بحث مباحثي خاطر ’مڪالمو‘ منعقد ڪيو وڃي، ۽ ان جي ڪارگذاري شايع ڪئي وڃي. هن پوئين تجويز مطابق سنه ١٩٦٦ع کان وٺي اهڙن مڪالمن جو سلسلو شروع ٿيو، ۽ هن وقت تائين هيٺين آئن موضوعن تي مڪالما منعقد ڪيا ويا آهن، جن مان هرهڪ ۾ پيش ٿيل مواد ۽ مباحثي بابت ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن:

| | |
|---|---|
| ١. شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار | ١٩٦٧ع |
| ٢. شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار | ١٩٦٨ع |
| ٣. شاهه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار | ١٩٦٩ع |
| ٤. سر ڪلياڻ جو مطالعو | ١٩٧٠ع |
| ٥. سر جمن جو مطالعو | ١٩٧١ع |
| ٦. سر کنڀات جو مطالعو | ١٩٧٢ع |
| ٧. سر سريراڳ جو مطالعو | ١٩٧٣ع |
| ٨. سر سامونڊي جو مطالعو | ١٩٧٤ع |

جڏهانڪر رسالي جي ’سُرن‘ تي مڪالما شروع ٿيا، تڏهانڪر اهو فيصلو ڪيو ويو ته ڪارگذاري تي مشتمل ڪتابن ۾ انهن سُرن جو متن پڻ شايع ڪيو وڃي، جيئن پڙهندڙن کي حوالن ڏنل بيتن کي ڏسڻ ۾ آساني ٿئي. جيئن ته ’رسالي بابت تحقيق واري جامع رٿا‘ موجب، رسالي جي معياري متن کي شايع ڪرڻ ڏانهن پڻ قدم وڌائڻو آهي، انهي ڪري بنده راقم سوچيو ته هن سال کان وٺي، تجربي طور، هر سر جو متن مختلف قلمي ۽ ڇاپي رسالن کي پيٽي قائم ڪيو وڃي. انهيءَ مقصد خاطر، هن اشاعت ۾ ’سر سامونڊي‘ جي متن کي جملي دستياب قلمي ۽ ڇاپي رسالن کي پيٽي قائم ڪيو آهي، جيڪو رسالي جي معياري متن مرتب ڪرڻ واري مقصد ڏانهن هڪ اهم قدم آهي.

سنڌ يونيورسٽي
حيدرآباد سنڌ
١- مارچ ١٩٧٤ع

خادم العلم
نبي بخش

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| | پيش لفظ | محترم الهه بخش. ايم. نظاماڻي<br>اعزازي سيڪريٽري | ٣ |
| | مرحبائي تقرير | محترم الهه بخش. ايم. نظاماڻي | ٥ |
| ١. | سر سامونڊي جي موسيقي | جناب سيد منظور نقوي | ٩ |
| ٢. | سر سامونڊي جو تاريخي ۽ سماجي پس منظر | جناب ڪريم بخش چنه | ١٤ |
| ٣. | سر سامونڊي جو تاريخي ۽ ثقافتي پس منظر | جناب غلام رسول باوچ | ١٩ |
| ٤. | سر سامونڊي جو تاريخي پس منظر | جناب ممتاز مرزا | ٢٤ |
| ٥. | سر سامونڊي جو فلسفو | جناب ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٣٤ |
| ٦. | سر سامونڊي جو روحاني راز | جناب ميرمحمد پيرو | ٣٩ |
| ٧. | سر سامونڊي ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون | جناب معمور يوسفاڻي | ٤٦ |
| ٨. | سر سامونڊي ۾ لغت | جناب نجف علي شاه ڪمتر نقوي | ٦٦ |
| ٩. | سر سامونڊي جي بيتن جو سٽائو نثر | جناب نجم عباسي | ٧٤ |
| ١٠. | سر سامونڊي جو متن | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ | ٨٦ |

---

| | | | |
|---|---|---|---|
| I. | The Immortal Beauty of Latif's Sea Poetry | Prof. M. Ikram Ansari | 5 |
| II. | The Philosophy of Sur Samoondi | Mrs. Amena Khamisani | 26 |

# پيش لفظ

’ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ‘ طرفان منعقد ڪيل مڪالمن جي سلسلي جو هيءُ ستون ڪتاب آهي. هن کان اڳ ١. ”شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي قدرون“، ٢. ”شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار“، ٣. ”شاهه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار“، ۴. ”سر ڪلياڻ جو مطالعو“، ۵. ”سر جمن جو مطالعو“، ٦. ”سر ڪنڀات جو مطالعو“ ۽ ٧. ”سر سريراڳ جو مطالعو“ شايع ٿي چڪا آهن. هن سال انهيءَ سلسلي جو ائون ڪتاب، ”سر سامونڊي جو مطالعو“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. هي مقالا گذريل منعقد ڪيل مڪالمي جي موقعي تي پڙهيا ويا هئا.

اشاعت جو هيءُ سلسلو، ’شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي‘ جي انهيءَ پروگرام جي ڪڙي آهي، جنهن هيٺ شاهه صاحب جي ڪلام ۽ سوانح تي معياري ۽ تحقيقي ڪتاب شايع ڪرڻا آهن. هن وقت تائين ـ ’حيات و شاعري‘ (اردو)، ’لطائف لطيفي‘ (فارسي: تصنيف مير عبدالحسين خان سانگي)، ’شاهه جي رسالي‘ جو برٽش ميوزيم ۾ محفوظ نسخو، احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي (تصنيف ميرزا قليچ بيگ) ۽ ’شاهه جي رسالي جا سرچشما‘ ـ شايع ٿي چڪا آهن.

مڪالمي جي سلسلي ۾، ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جو اهو پروگرام آهي ته، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي رسالي جي هر سُر تي جامع مطالعو ڪرائي، هن نوعيت جا ڪتاب شايع ڪرائجن، جيئن شاهه صاحب جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ وارن کي سندن ڪلام ۽ پيغام سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. هن سلسلي کي ڪامياب بنائڻ ۾ اسان جي عالمن، اديبن ۽ دانشورن جو

وڏو هٿ آهي. سندن بي لوث تعاون جي ڪري ئي هيءُ سلسلو جاري آهي ۽ انشاءالله جاري رهندو.

ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جي اها ڪوشش پئي رهي آهي تہ ثقافتي سرگرمين سان گڏوگڏ، علمي، ادبي ۽ تحقيقي ڪم کي بہ پوريءَ طرح سان جاري رکجي. انهيءَ ڏس ۾ ڪاميٽيءَ طرفان، 'شاه جي رسالي' جي معياري ڇاپي جي تجويز منظور ٿي چڪي آهي، ۽ ان تي ڪم هلندڙ آهي، ۽ اميد آهي تہ اهو ڪم وقت سر پايہء تڪميل تي پهچي ويندو.

بحيثيت اعزازي سيڪريٽري، آءٌ پنهنجو فرض ٿو سمجهان تہ انهن مڙني عالمن، اديبن ۽ دانشورن جا دل جي گهراين سان ٿورا مڃان، جن پنهنجي پُرخلوص تعاون ۽ قيمتي مقالن سان اسان کي نوازيو آهي. ان کان سواء آءٌ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جو بہ شڪرگذار آهيان، جنهن پنهنجي بيحد مصروفيات جي باوجود، هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪيو آهي.

١- مارچ ١٩٧٤ع

الهہ بخش. ايم. نظاماڻي
اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي

## مرحبائي تقرير : ادبي مڪالمو

الهه بخش، ايم. نظاماڻي، اعزازي سيڪريٽري
ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي.

جناب محترم پروفيسر محمد اڪرم انصاري صاحب،

آءٌ، شاهه عبداللطيف 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي' طرفان اوهان صاحبن جو دل سان شڪريو ادا ڪريان ٿو، جو اوهان ڪيترين مشغولين هوندي به تڪليف وٺي اچي، شاهه ڀٽائي جي ورسيءَ جي موقعي تي اسان سان شامل ٿي، هن ادبي سيمينار جي صدارت قبول ڪرڻ فرمائي. اوهان جي شخصيت تعارف جي محتاج نه آهي. اوهان هڪ وڏا عالم، اديب آهيو. اوهان جيڪو شاهه جي زندگي، شاعري ۽ فلسفي تي تحقيقي ڪم ڪري رهيا آهيو، اهو واقعي تحسين جوڳو آهي. انهيءَ سان گڏ آءٌ سيني اديبن، عالمن جو پڻ شڪر گذار آهيان، جن هميشه تڪليف وٺي دور دراز فاصلي تان ڪهي اچي هن ادبي سيمينار ۾ حصو ورتو آهي، ۽ سندن ئي تعاون ڪري هن مڪالمي جو سلسلو ڪاميابي سان جاري آهي. هيءَ هڪ وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو ثقافتي مرڪز ستن سالن کان وٺي هن ادبي سيمينار جو سلسلو وڏي ڪاميابيءَ سان نڀائيندو اچي ٿو، جنهن ۾ اسان جا اديب ۽ عالم، شاهه جي ڪلام ۽ پيغام جي تحقيق ڪري پنهنجا اعليٰ معياري مقالا پيش ڪن ٿا، جن کي وري ڪتابي صورت ۾ هر سال شايع ڪيو وڃي ٿو.

اڄ جو موضوع هر سال جي پروگرام موجب شاهه جي رسالي جي سرن مان سلسليوار "سر ساموندي" آهي. موضوع جو دائرو ڪافي وسيع آهي. اميد ته اسان جا اديب ڪنهن به نڪتي

تي پنهنجي خيالن مطابق، پنهنجا معياري مقالا پيش ڪري هن ادبي سيمينار کي ڪامياب بنائيندا.

'سر ساموندي' جي باري ۾ آءٌ چند لفظ چئي مڪالمي جي شروعات ڪيان ٿو. سر ساموندي، سر سريراڳ سان گهڻو ميلاپ رکي ٿو، مگر هن سر ۾ 'ساموندي' نالي ڪو راڳ يا راڳڻي نظر ۾ ڪانه ٿي اچي. هن سر کي 'سر ساموندي' ڇو سڏيو وڃي ٿو؟ ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته شاهه صاحب سير سفر ڪندي، ساموندي بندرن ۽ خاص ڪري لاڙ واري حصي ۾ مختلف بندرن وٽ وڻجارن جي اُسهڻ وقت دردناڪ نظارو اکين سان ڏسندي، هن سر ۾ سارو ساموندين جو ذڪر ڪيو آهي. شايد انهيءَ ڪري هن سر کي 'ساموندي' ڪري سڏيو وڃي ٿو.

اڳئين زماني ۾ سمنڊ جي مسافري اهڙي ته اڙانگي، خطرناڪ ۽ ڪافي تڪليفن ۽ مشڪلاتن واري هوندي هئي، جو وڻجارا جڏهن وڻج واپار سانگي سمنڊ جي مسافريءَ تي روانا ٿيندا هئا، تڏهن گويا سِر سان ڪفن ٻڌي سِر جو سانگو لاهي نڪرندا هئا، ۽ ڪين واپس اچڻ ۾ ڀي سالن جا سال گذري ويندا ويندا هئا. تنهنڪري انهن جي روانگيءَ وقت سندن زالن جي روڄ راڙي، درد ۽ فوڙائي جي فراق ۽ اوسيئڙي جي انتظار جي نظاري جي شاهه پنهنجي ڪلام ۾ ان جي اهڙي تصوير چٽي آهي، جنهن جي مطالعي ڪرڻ سان انسان جا جذبات ۽ احساسات ڪڙا ٿيو وڃن، جيئن ته هيٺين بيتن مان معلوم ٿيندو:

اولا ڪئي اوءِ، پکهه ڇوڙي پنڌ ٿيا
آيل! ساموندين جي، آهه اڙانگي جوءِ
ڪڏهن ڏسنديس روءِ، وري هن اکين سان.

—

ويا سي اوهري اوءِ، مونکي ڇڏيو ماڳهين
جڳن جا جڳ ٿيا، تئان نه موٽيو ڪوءِ
گوندر ماريندوءِ، ويچاري وئن جو.

شاهہ اڪثر ڪري عورت کي سچي عاشق جي صورت ۾ پيش ڪري، کيس ڪيترين ئي تڪليفون، ڏک ڏاکڙا ۽ درد پسايا اٿس. حقيقت ۾ شاهہ عورت جو شان هميشه اعليٰ رکيو آهي، ۽ گويا پاڻ کي عورت جي صورت ۾ الله تعاليٰ جو سچو عاشق بنائي، عورت جي وفاداري ۽ محبت جا داستان پيش ڪري، ان کي وفاداري جو هڪ پُتلو بنايو اٿس. هن سر ۾ پڻ شاهہ عورت جي صورت ۾ پاڻ کي عاشق بنائي، ان جو ويس ڌاري سارو ڪلام حقيقي رنگ ۾ رچايو آهي، ۽ پاڻ کي زال تصور ڪري روحاني راز ۽ طريقت جي راهہ جا اسرار ويهي کوليا آهن. هن سر ۾ شاهہ جيڪو زال ذات جي جذبن، اُمنگن، سوز ۽ فراق ۽ اوسيئڙي جو انتظار ۽ عورت جي اندر جي آدمن جو ذڪر بيان ڪيو آهي، سو هيٺين بيتن مان معلوم ٿيندو:

نہ سي تڙ هوڙاڪ، نہ وايون وڻجارن جيون
سرتيون ساموندين جا، اڄ پڻ چڪئم چاڪ
مارينديون فراق، پاڙيچيون! پرين جا.

—

ساموندي ساري، مٿي تڙ گذاريان
مونکي ٿي ماري، آنهن سندي ڳالڙي.

—

وڻجارن ورُ، پري پکهہ، چوڙيا
اوليون پسي ان جيون، پڻڙم ڳچ ڳري
وينديس ماءُ! مري، ساري ساموندين کي.

هن سر ۾ شاهہ صاحب انسان ذات کي ڪيترين ئي مشڪلاتن هوندي بہ صبر، تحمل، صالح زندگي، حق پرستي، صداقت، خدا ۾ اعتقاد، سچ جو سوداگر بنائڻ جو درس ڏنو آهي، ۽ وڻجارن کي دنياوي ذميداريءَ سان گڏ پنهنجي ضمير مطابق زندگي گذارڻ جي راهہ ڏيکاري اٿس. وڻجارن جي زالن کي پنهنجن

پيارن لاءِ تڙپندو ڏسي ڪين صبر ۽ تحمل جو سبق ڏيئي ٻڌائي ٿو ته خدا ۾ ايمان رکي آسرو نه لاهيو، ته اوهان جون آسون ۽ اُميدون پوريون ٿينديون. جيئن پاڻ فرمائي ٿو:

آءٌ جن آساري، متي تڙ گذاريان
مونکي وساري، شال م وڃن اوهري.

---

جنين ڪارڻ مون، تڙ ڀُوڄارا پوڄئا
پُنيم اميدون، سيئي سڄڻ آئيا.

انهن چند لفظن بعد آخر ۾ وري به آءٌ صدر صاحب ۽ ٻين معزز اديبن ۽ عالمن جو تهدل شڪرگذار آهيان، جن ڀلائي جا پير پري حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي هن ادبي محفل ۾ شريڪ ٿي اسان جي همت افزائي ڪئي آهي.

جناب سيد منظور نقوي

# سر ساموندي؍ جي موسيقي

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمه جي رسالي جي مطالعي مان واضح ٿو ٿئي، تہ رسالي ۾ ڇاٽايل راڳن مان ڪي اهڙا بہ راڳ آهن، جن کي خالص سنڌي راڳ سڏجي ٿو، ۽ 'سر ساموندي' بہ انهن راڳن مان هڪ آهي. شاهہ جي رسالي جي سرن جي ترتيب مطابق هي ڇهريون راڳ آهي، جيڪو نج سنڌي آهي، يا جنهن جو ذڪر، انهي؍ نالي سان، برصغير هند و پاڪ جي موسيقي؍ جي ڪتابن ۾ ڪٿي بہ نٿو ملي؛ اهڙو اعتراف خود آنجهاني گربخشاڻي؍ بہ ڪيو آهي.

'سُر ساموندي' شاهہ جي رسالي جي سُرن جي ترتيب مطابق پنجون سر آهي، جيڪو 'سري راڳ' کان پوءِ ۽ 'سهڻي؍' کان اڳ آيل آهي. راڳداري؍ جي لحاظ کان 'سريراڳ' شام جو راڳ آهي، ۽ 'سهڻي' رات جي پوئين پهر جو راڳ آهي. انهن ٻن راڳن جي وچ ۾ ڪنهن راڳ جو اچڻ ضروري هو، شايد انهي؍ نسبت سان بہ ساموندي؍ کي، سري راڳ ۽ سهڻي؍ جي وچ ۾ جاءِ ڏني ويئي آهي.

'ساموندي' جي بيان کان اڳ آءٌ ڪجهہ سنڌي راڳن جي لڇڻن بابت عرض ڪرڻ گهران ٿو. انهي؍ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌ جا راڳ برصغير هند و پاڪ جي پرڳڻن تي ڇانيل نظر اچن ٿا، ۽ ڪنهن بہ پرڳڻي سان ايترا راڳ منسوب نہ آهن، جيترا سنڌ سان آهن، ۽ اهو بہ ثابت آهي تہ سنڌ ملڪ دور قديم کان راڳن جو گهوارو رهيو آهي. قديم سنڌين پنهنجي ڄاڻ ۽ فن جي مهارت، علم ۽ عمل سان نوان نوان راڳ، جهڙوڪ راڻو ۽ ڪوهياري؛ ۽ نيون نيون چالون، جهڙوڪ سنڌي ڀيرويون، سنڌي جوڳ وغيره وجود ۾ آڻي، پنهنجي ڄاڻ ۽ مهارت جا مثال قائم ڪري ڇڏيا، ۽ راڳداري؍ ۾ هڪ اهڙو

انداز قائم ڪري ڇڏيو، جيڪو ايترو تہ مشهور ٿي ويو جو برصغير هند و پاڪ جي اڳ واري نقشي تي اهو انداز سدائين حاوي رهيو. سنڌي راڳن جي مقبوليت سندن انداز ۽ انگ يعني نموني جي ڪري ٿي. اڳئين دور ۾ سنڌي راڳن جو انداز ايترو تہ پسنديده هو، جو انهن کي هر پرڳڻي ۾ پسند ڪيو ويو ٿي. راڳ جي ماهرن سنڌي راڳن جي مقبوليت کان متاثر ٿي سندن ذڪر راڳدارين جي ڪتابن ۾ ڪيو ۽ اهڙن راڳن کي 'سنڌي پرڪاش راڳ' جي نالي سان سڏڻ لڳا. راڳ جي عالمن اهو بہ معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهي ڪهڙن سببن جي ڪري وڌيڪ مقبول آهن، ۽ آخر انهن سنڌي راڳن جو تجزيو ڪري ٻڌايو تہ سنڌ جا راڳ 'ڪومل رکب' ۽ 'ڪومل ڌيوت' جي ڪري معروف آهن.

انهيءَ مان معلوم ٿيو تہ ڪومل رکب ۽ ڪومل ڌيوت سنڌي راڳن جا اهم سر آهن، ۽ انهن سرن جي ڪري سنڌي راڳن کي ٻين راڳن کان جدا ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ معيار کي سامهون رکندي معلوم ٿيندو تہ پيرون ٺاٺ ۽ پوربي ٺاٺ مان پيدا ٿيندڙ گهڻا نج سنڌي راڳ جيڪي برصغير جي موسيقيءَ ۾ رائج ٿي چڪا آهن، جيڪڏهن ڪومل رکب ۽ ڪومل گنڌار جي سرن سان گڏ تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جا سر بہ شامل هجن تہ انهيءَ راڳ جي نج سنڌي هجڻ ۾ ڪوبہ شڪ باقي نٿو رهي. اهو آهي مختصر طور تي سنڌي راڳن جو تجزيو.

اڄ آءٌ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي عليہ الرحمہ جي جنهن راڳ جي موسيقي پيش ڪري رهيو آهيان، ان جو نالو آهي 'سر سامونڊي'. جنهن جو مفهوم آهي سمنڊ ۽ سامونڊين جو بيان. انهيءَ سر جو راڳ وڃايل آهي، ڇو جو حضرت شاهہ عبداللطيف کان پوءِ هن راڳ جي غلط استعمال ۽ غير سرن جي ملاوٽ جي ڪري هيءُ راڳ ڪالعدم ٿي چڪو آهي.

ايتريقدر جو شاهہ جي راڳ ڳائڻ وارن وٽ ڪنهن‍ات، سريراڳ ۽ سامونڊي جي شڪل ۾ ڪوبہ فرق ناهي. نہ ڪنهن اهڙي خاص آلاپ يا تان جو وجود آهي، جيڪو انهيءَ راڳ کي ٻين راڳن کان جدا ڪري. ان ڪري اهو راڳ اصليت کان محروم ٿي چڪو آهي.

دراصل اهو راڳ پوربي ٺاٺ جو هڪ نج سنڌي راڳ آهي، جيڪو راڳ جي پراڻن ڪتابن ۾ محفوظ نہ ٿي سگهيو، ۽ ٿيندي ٿيندي معدوم ٿي ويو. جيڪڏهن اسان جي ملڪ ۾ موسيقيءَ جي تحقيق ۽ تجسّس جو ڪو اهڙو ادارو هجي ها، تہ اهڙن وچايل راڳن جي تحقيق ۽ تدقيق ڪري، انهن کي محفوظ ڪري سگهجي ها. مگر افسوس جو اسين اڃان انهن قدرن کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪوبہ قدم کڻي نہ سگهيا آهيون. لفظ ’سامونڊي‘ حضرت شاهہ لطيف جي رسالي ۾ ڪٿي بہ راڳ جي مفهوم ۾ استعمال نہ ٿيو آهي، ان ڪري سامونڊي راڳ تي رسالي مان ڪابہ روشني پئجي نٿي سگهي.

اڄ آءٌ هن معدوم ٿيل راڳ جي شڪل پيش ڪري رهيو آهيان. هن نج سنڌي راڳ سامونڊيءَ جي سرن جي ترتيب هن ريت آهي:

آروهي: کرج، ڪومل رکب، تيور گنڌار. پنجم، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

امروهي: کرج، ڪومل رکب، تيور گنڌار، تيور مڌم، پنجم، ڪومل ڌيوت ۽ تيور نکاد.

سامونڊي راڳ جي اها آروهي ۽ امروهي ٻڌائي ٿي تہ آروهيءَ جي سرن مان مڌم جو سر ورج يعني ترڪ ڪيل آهي. ان ڪري آروهيءَ کي ڳائڪيءَ جي اصطلاح ۾ ’کاڊو‘ چئبو: يعني ڇهن سرن واري آروهي: ۽ امروهيءَ ۾ سڀ سر لڳل آهن، ان ڪري امروهيءَ کي سمپورن، يعني ستن سرن واري امروهي چئبو. انهيءَ لحاظ سان سامونڊيءَ کي کاڊو سمپورن راڳ ڪري

۽ ڏنامريءَ ۾، مگر وادي سموادي سرن جي بدلجڻ سان ٻيا وڪر يعني ور وڪڙ هئڻ جي ڪري ٻين راڳن کان جدا ٿيو پون. سريراڳ به انهن مان هڪ آهي.

شاهه جي راڳ جي انداز جي مطابق هن راڳ کي مٿين سرن کان ڪاڍيو وڃي ۽ تيور گنڌار ۽ تيور نکاد جي سرن تي زور ڏنو وڃي، ۽ تيور گنڌار ۽ پنچم جي سرن جي سنگت کي برقرار رکيو وڃي، ڪومل رکب ۽ ڪومل ڌيوت تي مناسب ٽڪاءُ ڪيو وڃي ته هن راڳ جي شڪل سهڻي ۽ واضح ٿي ويندي ۽ سنڌ جو هيءُ نج سنڌي راڳ نهايت مقبول ۽ پسنديده ٿي ويندو.

هتي هيءَ ڳالهه به نه وسارڻ گهرجي ته جيڪڏهن هن راڳ کي ساموندي راڳ تصور نه ڪيو، ته اهو راڳ برصغير هند و پاڪ جي راڳداريءَ ۾ هڪ نئون وجود ۾ آيل راڳ سمجهيو ويندو، جنهن جو موجد راقم الحروف کي ڏي مڃڻو پوندو.

جناب ڪريم بخش چنه

# سر سامونڊيءَ جو
## تاريخي ۽ ثقافي پس منظر

هن سُرَ کي سندس مضمون موجب نالو ڏنو ويو آهي. هندوستاني راڳن ۾ هن نالي وارو سُر ڪونه آهي. هن سُر ۾ سامونڊي وڻجارن جو ذڪر آيل آهي. جن جي زالن جي دلي جذبن ۽ اُمنگن جي شاهه صاحب نهايت واضح ۽ درد ڀرئي نموني ۾ ترجماني ڪئي آهي. هن سر جي مطالعه مان معلوم ٿو ٿئي، ته اِهو شاهه صاحب جي شاعرانه زندگيءَ جي اوائلي دور ۾ لکيو ويو آهي. جڏهن شاهه صاحب اڃان سير و سفر جي حالت ۾ هو ۽ ڀٽ شريف تي اڃان مستقل سڪونت اختيار نه ڪئي هئائين. معلوم ٿئي ٿو ته ڪاٺياواڙ ۽ ڪڇ وٽان ٿيندو، شاهه صاحب جڏهن ٺٽي ضلعي جي لاهري بندر وٽ پهتو ته هن کي اتي سامونڊي وڻجارن جا جهاز ڏسڻ ۾ آيا، جيڪي سڙهه سنوان ڪري لنڪا ڏانهن وڃي رهيا هئا. اتي شاهه صاحب کي انهن وڻجارن جي ويچارين استرين جو خيال اچي ٿو. جن کي مهينن جا مهينا پنهنجن پتين جي انتظار ۽ اوسيئڙي ۾ رهڻو پوي ٿو، ۽ هر قسم جا خدشا ۽ وسوسا ۽ انهن سان گڏ اُميدون ۽ آسرا به هنن کي دامنگير ٿين ٿا، ۽ انهيءَ آس ۽ اميد، فراق ۽ ڦوڙائي ۾ هنن جي ساري حياتي ڪٽجي ٿي.

شاهه صاحب جنهن زماني ۾ هيءُ سُر لکيو آهي، سو غالباً ميان نورمحمّد ڪلهوڙي جي حڪومت جو اوائلي ۽ نادرشاهه جي ڪاهه کان اڳ وارو دور آهي. جڏهن ملڪ سائو ۽ ستابو هو ۽ ان جو اندروني توڙي بيروني واپار اوج تي رسيل هو. نادرشاهي ڪاهه ۽ ان سان لاڳاپو رکندڙ ڦرمار ۽ بدامنيءَ جو ڪوبه اهڃاڻ هن سر مان ڪونه ٿو ملي. ميان يارمحمّد ۽ ۽ ميان نورمحمّد ڪلهوڙي جي اوائلي زماني ۾، سنڌ ۾ جيڪو

امن امان قائم هو، تنهن مان ملڪ کي چڱو فائدو ٿيو. هن دور ۾ سنڌ جي زراعت ۽ صنعت، وڻج ۽ واپار کي وڏي ترقي ملي، ۽ "سنڌي" وڻجارن جا جهاز ملڪي صنعت جو سامان کڻي مشرق وسطيٰ ۽ مشرق بعيد ۽ ايراني نار جي بندرن تي پهچندا هئا. وڏن وڏن فرنگي واپارين جهڙوڪ پورچوگيزن، انگريزن ۽ ڊچن سنڌ ۾ پنهنجا ڪارخانا قائم ڪيا هئا، جنهن جي ڪري سنڌ ۽ اتر-اولهه هندوستان جون زرعي ۽ صنعتي پيدائشون سنڌ جي لاهري بندر، ديبل بندر ۽ شاهه بندر جي وسيلي ڏورانهن ملڪن ۾ پهچايون وينديون هيون. ميان نورمحمّد ڪلهوڙو واهن ذريعي ملڪي پيدائش وڌائڻ جو وڏو حامي ۽ سرپرست هو. هو جنگ جي ميدان ۾ جهڙو بهادر ۽ جوان مرد هو، تهڙو ئي زراعت جي ڪم کي ترقي وٺائڻ ۾ ممتاز هو.

هن جي دور حڪومت ۾ تمام گهڻا واهه کوٽايا ويا، ۽ سنڌوندي مان نڪتل قدرتي ڦاٽن کي سڌاريو ۽ سنواريو ويو، جنهن ڪري سنڌ جي زرعي پيداوار پنهنجي ڪمال ترقيءَ تي وڃي پهتي.

انهيءَ زماني ۾ سنڌ مان ڪڻڪ، چانور، تيلي ٻج، نير، گيهه، چمڙو، ڪلون، هڱ، ڪنور، باداميون، شالون، ڪپڙو، زعفران، ڇيٽون، سوسيون، گربيون ۽ لونگيون، اجرڪ ۽ دوشالا ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليا ويندا هئا.

مٿين شين جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ ٻاهرين ملڪن مان موتي، ٽين، لوهه، فولاد، شيهو، هاٿيءَ جا ڏند، غاليچا، ريشم، ڪنڊ، مصري، پان، ڪارا مرچ، دالچيني، ڦوٽا ۽ ٻيون گرم مصالحي جون شيون گهرايون وينديون هيون.

سموري اتر هندستان ۽ راجپوتانا وغيره جي ضرورتن جو سامان سنڌ جي بندرن تي ڪٺو ٿيندو هو ۽ اتان پوءِ ڏورانهن ملڪن ڏي ويندو هو. بحري تجارت جو مرڪز ٺٽو هو، جتي اٽڪل چاليهه هزار ٻيڙيون ۽ جهاز ڪرائي تي هلندڙ هئا. اُن

زماني ۾ بري تجارت جو مرڪز شڪارپور هو. جتي ٿتي وانگر وڏن وڏن واپارين جون تجارتي ڪوٺيون هونديون هيون. جيڪڏهن ٿتي جي واپارين جا گماشتا ايراني نار، بحر قلزم، بحر روم ۽ هندي وڏي سمنڊ جي بندرن تي هوندا هئا ته شڪارپور جي واپارين جا گماشتا وري ڪابل، قنڌار، بخارا، سمرقند، شانگهائي ۽ ڪئنٽن ۾ هوندا هئا.

سنڌ جي بين‌الاقوامي تجارت مان حڪومت کي نهايت گهڻي ڍل وصول ٿيندي هئي. تخمينو ڪيو ويو آهي ته ڪلهوڙن جي اوائلي دور توڙي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي زماني ۾، سنڌ جي ساليانه آپت ٨٠ لک روپيه هئي. هن مان ظاهر ٿو ٿئي ته ان زماني ۾ سنڌ جي آبادڪاري تمام اوج تي رسيل هئي، ملڪ ۾ امن امان هو ۽ ماڻهو دلجمعيءَ سان هنر ۽ ڪاريگري، زراعت ۽ تجارت ۾ لڳل ۾ هئا.

ڪلهوڙن جي دور ۾ اناج جي سستائيءَ جون شاهديون هرهنڌ ملن ٿيون، ڪن وقتن تي اناج ايترو ته سستو ٿي ويندو هو، جو ملڪ جي مختلف حصن مان ڍل جي آپت گهڻي قدر گهٽ ملندي هئي، پر ان جو پورائو وري اناج جي روانگي واپار جي آپت مان ڪيو ويندو هو. اناج جي سستائيءَ کي سامهون رکندي هيءَ دعوا ڪري سگهجي ٿي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ عوام جي حالت سڌريل هئي ۽ ماڻهو هر طرح سان مطمئن ۽ فارغ البال هئا. سنڌ جي ڳوٺاڻن ۾ به قسمين قسمين هنر رائج هئا. ڪي شيون ته ايتري گهڻائيءَ ۾ تيار ٿينديون هيون، جو ٻاهرين ملڪن ڏانهن به موڪليون وينديون هيون.

ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ پنهنجين عام ضرورتن جي سلسلي ۾ ٻاهرين ملڪن کان وڏي حد تائين بي‌نياز هئي. ٿتي شهر لاءِ 'تاريخ طاهري' ۾ ڄاڻايل آهي ته هن شهر جو بنياد اهڙيءَ نيڪ ساعت ۾ رکيو ويو هو، جو هتي جي رهاڪن کي ڪڏهن به مصيبت ۽ تڪليف سان واسطو نه پيو. جيڪي ڪجهه ڪين

ميسر آهي، ان تي قانع آهن ۽ پنهنجو ڪاروبار امن ۽ راحت سان ڪندا رهن ٿا. جنهن خوشحاليءَ ۽ سستائيءَ جو دور چالو آهي، اها ڪڏهن به ڪنهن ٻئي هنڌ تي ڏٺي نه وئي آهي ۽ نه ڏسڻ ۾ ايندي.

مٿي ڏيڪاريل ڳالهيون آن زماني واري سنڌ جي هرڪنهن شهر لاءِ چئي سگهجن ٿيون، ڇو ته ٺٽي جي مقابلي ۾ اتر سنڌ جي زرخيزي تمام گهٽ وڌيل هئي ۽ اتي سکر، بکر، روهڙي، شڪارپور، هالاڻي، اوباوڙي، پني عاقل، گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلي جهڙا وسندڙ شهر هئا.

رهڻي ڪهڻي. سنڌي ماڻهو هميشه کان جفاڪش ٿي رهيا آهن. ٻين ملڪن وانگر انهن ۾ به طبقا موجود هئا، ۽ اڄ تائين به آهن. مثال طور، وڏا وڏا زميندار، جاگيردار، وظيفه خور، سادات ۽ علما، جن کي عام ماڻهو به وڏي عزت ۽ مرتبي جي نظر سان ڏسندا هئا. موجوده دور ۾ جيڪي طبقاتي تفاوت ۽ باهمي نفرت جا نمونا موجود آهن، سي ان دور ۾ ڪونه هئا.

ڪلهوڙن جي دور ۾ وڏي درجي وارن طبقن جو وجود يقيناً گهٽي قدر محدود هو. هيءَ سڀ ماڻهو پاڻ ۾ محبت، احترام ۽ همدرديءَ جي رشتن ۾ ڳنڍيل هئا، ۽ هڪ ڪٽنب جي حيثيت سان زندگي بسر ڪندا هئا. ڳوٺن ۾ جايون عام طرح تي ڪچيون هونديون هيون، جو اتي آبڪلانيءَ جي موسم ۾ هميشه ٻوڏ جو خطرو موجود هوندو هو. وڏن شهرن ۾ وڏيون ۽ پڪيون جايون هونديون هيون. جاين کي اندران ٽڏو رکڻ لاءِ ڪاٺ جا قالب ٺاهي، انهن تي چيڪي مٽيءَ جو گارو لائي، چُن جي پلاستر سان پڪو ڪري ڇڏيندا هئا، اهڙيءَ طرح اهي جايون نه فقط مضبوط ۽ ديرپا رهنديون هيون، پر موسم جي سرديءَ گرميءَ کان پڻ پنهنجي رهاڪن کي محفوظ رکنديون هيون. اهڙي قسم جون ڪي جايون اڃا ڏاڍين ٺٽي، حيدرآباد،

نصرپور، سيوهڻ، سکر ۽ شڪارپور ۾ ڏسي سگهجن ٿيون.

کاڌو ۽ وندر. عام ماڻهو گهڻو ڪري چانور ۽ مڇي کائيندا هئا. لاڙ ۾ ڳاڙهن چانورن جي ماني ۽ پٽ، ۽ اُتر ۾ جوئر ۽ ڪنگڻي چانورن جي ماني ۽ پٽ، روزمره جي کاڌي ۾ شامل هوندا هئا. سياري ۾ سرنهن ۽ مٽرن جي پليءَ مان ساڳ تيار ڪري کائبو هو. کير، مکڻ ۽ ڏڌ جو رواج تمام گهڻو هو. اميرن کي شڪار جو خاص شوق هوندو هو، ۽ هو طرح پنهنجي کاڌي ۾ هرڻن، ڦاڙهن، سهن، تترن ۽ ٻين ڏنيد جي پکين جو گوشت کندا هئا.

ڳائڻ ۽ کهائين ٻڌڻ جو شوق عام هوندو هو. عام ماڻهو ڏنڍي-ڏاڙي ۽ مزدوري وغيره ڪندي ڳائڻ جو شغل به جاري رکندا ايندا هئا، جيئن ڪم ۾ هلڪائي ٿئي ۽ ٿڪاوٽ محسوس نه ٿئي.

دينداري. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي ماڻهن جي دينداري مشهور ۽ معروف هئي. 'برنز' پنهنجي ڪتاب "سفرنامه بخارا" ۾ لکي ٿو ته "سنڌ جا ماڻهو عربستان جي پيغمبر جي دين جا پوريءَ شدت سان پابند آهن. نماز جي مقرر وقتن تي هر هندو، حقير کان حقير ۽ غريب کان غريب، مڪي معظم جي طرف منهن ڪري نماز پڙهندو نظر ايندو. ٻيڙين ۾ ننڍڙيون ڪروتون هيون جن ۾ نماز پڙهي وينڊي هئي. ننڍي کان ننڍي ڳوٺ ۾ به مؤذن جي صدا بلند ٿيندي هئي، جنهن جي ذريعي هو مومنن کي نماز لاءِ سڏيندو هو. بانگ ٻڌڻ تي هرڪو مسجد ۾ ڊوڙي وڃي نماز پڙهندو هو. جيئن الحمد جي خاتمي تي "آمين" چوڻ ۾ شريڪ ٿي وڃي".

جناب غلام رسول بلوچ

# سر ساموندي ءَ جو
## تاريخي ۽ ثقافي پس منظر

سنڌ تهذيب ۽ تمدن جي لحاظ کان، جتي هن سڄي عالم قديم خطو آهي، اتي مهراڻ جي هن سرسبز ماٿريءَ جا ماڻهو مڙس بہ پنهنجي قديم روايتن ۽ رسمن، سلوڪ ۽ شرافت، مهرباني ۽ مهمان نوازي، همت ۽ مردانگي جا مجسما ٿي رهيا آهن. تاريخ شاهد آهي تہ کيرٿر کان وٺي ڪاري تائين، لس کان ٿر جي پٽن تائين پکڙيل سنڌي سپاجهڙا، هر دور ۾ پنهنجي ٻولي، ادب ثقافتي ورثي جا محافظ رهيا آهن ۽ هڪ سجاڳ ۽ سڄاڻ قوم وانگر هميشه ڏاڍَ ۽ زوراوريءَ جو مردانہ وار مقابلو ڪيو اٿن.

سنڌ جو سدا حيات شاعر شاهہ عبداللطيف رحہ پڻ اسان جي سنڌي ٻولي، ادب ۽ ثقافت جو سرچشمو ۽ معمار آهي. سندس سڄو رسالو جتي وحدت واري وائيءَ سان سرشار آهي، اتي رسالي جي هڪ هڪ بيت مان سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت پڻ ليئا پائيندي محسوس ٿئي ٿي. سر ساموندي‌ءَ ۾ شاهہ صاحب جتي سالڪ کي مالڪ جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ عبادت ڪرڻ ۽ تزڪيۂ نفس جي ترغيب ڏني آهي، اتي اهل سنڌ کي سنڌن رهڻي ڪهڻي ۽ رسم و رواج کان روشناس ڪرائيندي هن سُر ۾ سنڌ جي ڏاکڻي حصي يعني لاڙ جي ساموندي ڪناري تي مغاڻين وٽ رهندڙ وڻجارن جي زندگيءَ جو چشم ديد مشاهدو پڻ پسايو اٿس. جڻ تہ شاهہ صاحب هڪ ماهر مصور وانگر وڻجارن ۽ ساموندين جي وڇوڙي جي نهايت دلپذير ۽ دلڪش لفظن ۾ ويهي تصوير چٽي آهي.

لطيف سائينءَ تي تحقيق ڪندڙن جي اها راءِ آهي تہ شاهہ صاحب پنهنجي زندگيءَ جا سڄا سارا ٽي سال سنڌ جي سير ۽ سفر ۾ گذاريا ۽ هنڌ هنڌ وڃي حال حقيقت حاصل ڪئي.

مختلف ماڳن ۾ وسندڙ قومن جي ريتن ۽ رسمن، الڳ الڳ طبيعتن جي ماڻهن جي جذبن ۽ اُمنگن، جدا جدا هنڌن تي هلندڙ قصن ۽ ڪهاڻين ۽ سائي ستابي سنڌ جي نرمل نظارن، سندس تجزيي ۽ معلومات جي دائره کي نهايت وسيع ڪري ڇڏيو، جنهنڪري سندس سيني جو ساگر ڇوليون هڻڻ لڳو ۽ بيتن، دوهن ۽ واين ۾، پنهنجي جوش ۽ جذبي جا آهي دادلا درياءَ ويهي اوتيائين جو اڄ به پڙهندي پياس نٿي اُجهامي.

شاهه صاحب رسالي جي پين سُرن وانگر سُر سامونديءَ ۾ پڻ انساني اُمنگن جا نقش ۽ نگار چٽيا آهن. قدرتي نظارن جون لفظن ۾ تصويرون ڪيون آهن. هڪ وڻجاري جي معاشرتي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي خيالي جامو پهرائي اُجاگر ڪيو آهي، جڻ ته سنڌي عورت جو هڪ مختلف روپ وڻجاريءَ جي روپ ۾ پيش ڪيو اٿس ته هوءَ ڪيئن نه پنهنجي وَر جي وڇوڙي سبب هنجون هاري ۽ نيڻن مان نير جا درياءَ وهائي ٿي:

اَڄُ پڻ وايُون ڪَن، وڻجارا وڃڻ جيئُون
مون اُپيئي هَلِيا، بندرَ جَنِ تَڙَنِ
سرتيون! سُورُ سَندُن، مون ماريندي جندڙي.

—

اَڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون
هلڻ هارا سُپرين، رُئان تان نه رَهن
اِءُ جهليندي ڪيترو، آيل! سامونڊين
پَڳَه ڇوڙي جَنِ، وڏا پيڙا پار ۾.

مٿين بيتن مان معلوم ٿئي ٿو ته وڇوڙي جون ماريل وينجهارن جون وَهون رئندي ۽ رڙندي پنهنجن راڻن کي رخصت ڪرڻ کان پوءِ ڪيئن نه ورن جي وڃڻ سبب من جي مونجهاري ۾ اڙجي وڃن ٿيون، سندن اندر ۾ ڪيئي اُڌما اُٿن ٿا ۽ پل پل پور پيدا ٿين ٿا پر وٽن محبوبن جي وڇوڙي ۽ پرين جي ڦوڙائي

سبب پيدا ٿيل ڏکن ۽ ڏوجهڙن کان نجات پائڻ جو هڪ ئي حل اڳيان آهي ته سامونڊين جي صحيح ۽ سلامت واپس ورڻ لاءِ اڳي اڳيان التجائون ڪرڻ ۽ ڏٿيءَ در دعائون گهرڻ:

مون آيي تَڙَ پاس، پرين پڳه چوڙيا
هو الله هارَ آهرئا، آءٌ دمدم دعا ڪندياس،
آهَ نه لاهيندياس، موتي ايندا مان ڳري.

شاهه صاحب سامونڊين جي سيرت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو چڱيءَ پر مطالعو ڪيو ٿو پائنجي، جو سامونڊين جي سفر تي سنبرڻ ۽ موٽي ماڳ تي اچڻ لاءِ ڪهڙين منڊن ۽ موسمن جي ضرورت پيش اچي ٿي، انهن جو ذڪر هنن لفظن ۾ پيش ڪيو اٿس:

'لڳي اُتر هيرَ، سامونڊين سڙه سَنباهيا'

يا

'ڏني ڏياري سامونڊين سڙه سنباهيا'

ظاهر آهي ته اُتر جو واءُ، جو آسوءَ واري مهيني ۾ ڏياريءَ وقت لڳي ٿو، ڏيساور ڏانهن سفر ڪرڻ لاءِ سٺائو سمجهيو وڃي ٿو. ساڳئي وقت وڻجارن جي واپس ورڻ لاءِ پڻ ڏکڻ جي ڏس کان لڳندڙ بهاري هوائون ضروري سمجهيون وڃن ٿيون، جن لاءِ پاڻ فرمايو اٿس:

لڳي اُتر اُهَريا، واهندن ورن،
آءٌ گهٽوئي گهوريان، سودو سامونڊين
آڳڻ جن آچن، عيدَ ورتي اُن کي.

جيستائين واهندي جا واءُ سندن سپرين کي پرڏيهه کان صحيح سلامت آڻي سائڻ ملائين، تيستائين تڙن تي وڻجارين جو وقت آوسيئڙي ۽ اُڪير ۾ ٿو گذري. صبح کان سج لٿي تائين هر ويل اکيون آساريون ڪنيو پيون سٽائي سمنڊ ڏي نهارين. انهيءَ انتظار جي ڪيفيت کي لطيف سائينءَ هيئن بيان فرمايو آهي:

آوسيئڙو ۽ انتظار ختم ٿئي ٿو ۽ سنڌن ور ڏسندا، لنڪا يا سلون جو سير ڪندا، ڪارو ڪيڙيندا وري ماڳ موٽن ٿا:

جنين ڪارڻ مون، تڙ پوڇارا پوڇيا
پُنيم اُميدون، سيئي سڄڻ آئيا.

لطيف سائينءَ هن سر ۾ نه رڳو سنڌين جي تهذيب ۽ ثقافت جي آپٽار ڪئي آهي، پر هڪ ڳجهي تمثيل ۽ روحاني راز به رکيو اٿس جو آهي ته ”اي سالڪا جهڙي نموني سان وڻجارن جي وڇوڙي ۽ ويراڳ سبب سنڌن وَهُون نيڻن مان نير جون نديون وهائيندي ڦوڙائي ۽ فراق ۾ لُڇن ۽ ڦٿڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح تون به محبوب جي مشاهدي ماڻڻ لاءِ هٿ پير هلاءِ ۽ عبادت ۽ تزڪيه نفس سان پنهنجو سينو صاف ڪر ۽ وجود ڪي وڃاءِ، من جي مهراڻ مان غوطو هڻي پنهنجي بي بها بالم کي لوچي لهه ته ابدي آرام حاصل ٿئيئي.

سي پوچارا پُر ٿيا، سمنڊ سيوئيو جن
آنڊائون عميق مان، جوتي جواهَرِنِ
لڌائون لطيف چئي، لالون مان لهرن
ڪانهي قيمت تن، مُلهه مهانگو اُن جو.

ممتاز مرزا

# سامونڊيءَ جو تاريخي پس منظر

شاهه عبداللطيف رحه جو اڪثر ڪلام، تصوّف جي نڪتن روحاني رازن ۽ رمزن جي قطع نظر ظاهري طرح سنڌ جي مشهور عشقيه قصن تي مبني آهي. مثلاً، سسئي پنهون، عمر مارئي، ليلا چنيسر، مومل راڻو، سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچي وغيره. شاهه جي ڪلام جي مقبوليت جو سبب اهي ئي قصا آهن، جن جي خبر سنڌ جي ننڍي وڏي کي آهي؛ ۽ جي اڪثر رهاڻين ۽ ڪچهرين ۾ عوام جي دلبستگيءَ جو مرڪز آهن. شاه صاحب کان اڳ ۽ توڙي سندس ڪن همعصر شاعرن انهن سڀني قصن کي پنهنجي ڪلام ۾ ٿورو گهڻو بيان ڪيو آهي، پر لفظن جي پوچ، طرزِ ادائگي ۽ حسنِ بيان ۾ جيڪا ڪمال درجي جي خوبي شاهه جي ڪلام ۾ ملندي سا ڪنهن ٻئي شاعر ۾ ورلي ملي. انهيءَ بنيادي خوبيءَ ڪري ئي ڀٽائي بزرگ سنڌي عوام جي دل و دماغ تي ڇانئجي ويو.

شاهه صاحب، جن قصن ۽ ڪهاڻين تي پنهنجو ڪلام چيو آهي، انهن تي زوردار ۽ اثرائتو ڪلام تڏهن ئي چئي سگهيو جڏهن خود سير و سياحت دوران، بجنسي اهي ڳس پنڌ، گهٽ گهيڙ، لڪ لانگها، پٽون پاڙا، آثار ۽ آهڃاڻ ڏٺائين. ورنه اهي قصا عام هئا، ننڍي هوندي ٻڌا هئائين، پٽ تي هڪ هنڌ ويهي به انهن تي ڪلام چئي سگهيو ٿي، پر اهو ڪلام اهڙو رقت‌انگيز ۽ اثرائتو نه ٿئي ها، جهڙو هن وقت آهي. انهي ڪلام ۾، جنهن جو بنياد محض پڙهيل ڳالهين تي هجي ها، ان ۾ تصنّع جي جهلڪ نظر اچي ها، پر جيئن ته شاهه سير و سفر ۾ اهي ڏک ڏاکڙا خود برداشت ڪيا، ۽ انهن سورمين ۽ سورمن جو ويس ڌاري، پوءِ انهن کي ڳايو، تنهنڪري شاهه صاحب جو سمورو ڪلام حقيقي رنگ ۾ رنڱجي ويو.

شاهه جي سمورن سُرن ۾ جيڪو سوز ۽ فراق پوريءَ شدت سان بيان ٿيل آهي، تنهن جو وڏي ۾ وڏو سبب محض آهي عشقيه داستان آهن، جن جو اختتام الميه آهي، پر هڪڙو ”سامونڊي“ ئي اهڙو سُر آهي، جنهن جي پس منظر ۾ نه ڪو داستان آهي ۽ نه ڪي ظاهري واقعو، جنهن جي بناء تي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ ايڏي سوز ۽ فراق، انتظار ۽ اوسيئڙي جي تصوير چٽي آهي. پوءِ اهو ڪهڙو سبب آهي، جو شاهه جي هن سُر ۾ سوز ۽ فراق جو جذبو چوٽ چڙهيل آهي؟ اسان جي خيال ۾ اهو سبب هو ملڪ جي ان وقت جي سياسي، اقتصادي ۽ معاشي بدحالي، جنهن شاهه صاحب جي حساس طبيعت تي تمام گهڻو اثر ڪيو. ان وقت جي تباهه حاليءَ جو جيڪو نقشو سندس اکين آڏو هو سو اشاريت ۾ انهيءَ سُر ذريعي ئي بيان ڪيائين، جنهن مان سنڌ جي انهيءَ دور جا مڪمل اهڃاڻ ۽ آثار اسان کي ملن ٿا.

پنهنجي دعويٰ جي ثبوت ۾ سامونڊيءَ مان حوالا ڏيڻ کان اول بهتر آهي تہ اسين ان جي دور ۾ سنڌ جي داخلي توڙي خارجي، سياسي، معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو وٺون جيئن حالات سمجهڻ ۾ آساني ٿئي.

## شاهه جي دور جا مشهور تاريخي واقعا

۱۶۸۹ع: شاهه صاحب جي ولادت.

۱۶۹۹ع: ڪئپٽن هئملٽن سنڌ ۾ آيو ۽ سموريءَ سنڌ جو سفر ڪري، اُن دور جي حالات کي پنهنجي سفرنامي ۾ بيان ڪيائين.

۱۷۰۱ع: ميان يارمحمد ڪلهوڙي اورنگزيب کان پروانو حاصل ڪيو، ۽ اُتر سنڌ ۾ دائود پوٽن کي شڪست آئي.

۱۷۱۱ع: ميان يارمحمد ڪلهوڙي اتر سنڌ ۾ پنهنجي طاقت وڌائي.

۱۷۱۹ع: ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي وفات ڪئي، ۽ پٽس ميان

دور ۾ ٺٽي جي واپاري، صنعتي ۽ اقتصادي عظمت ختم ٿي ويئي. سڄو شهر ويران ٿي ويو. شهر جو منظر نهايت ڏک پهچائيندڙ هو. جتي اڳي محل محلات هئا، اتي فقط مٽيءَ جي ڍيرن جو ميڙ بڻجي ويو ۽ سنڌس 'قديم بزرگيءَ' جو اعزاز کسجي ويو.

ٺٽي کان پوءِ ٻئي نمبر تي ''لاهري بندر'' هو، جو نڪولس وٿنگٽن جي چوڻ موجب، ٺٽي کان ٽن ڏينهن جي پنڌ تي هو. لاهري بندر چوڏهين صديءَ ۾ ابن بطوط ڏٺو، ۽ پنهنجي سفر نامي ۾ لکيو ته لاهري بندر هڪڙو تمام وڏو بندر هو، جتي يمن ۽ فارس (عربستان ۽ ايران) ۽ ٻين ملڪن جا ماڻهو واپار سانگي ايندا هئا، منجهانئس اٽڪل سٺ لکن جو محصول گڏ ٿيندو هو.

لاهوري بندر سترهين صديءَ ۾، هندستان ۾ داخل ٿيڻ لاءِ هڪ مکيه لنگهه هو. هي بندر نهايت مشغول بندر هو ۽ هندستان جي پرڏيهي واپار ۽ سنڌ جي سامونڊي واپار جو وڏو مرڪز هو، جنهن پورچوگيزن ۽ ڊچن کي ڇڪي سنڌ ۾ آندو. ان جو ڪنارو نهايت سٺو هو، جتي ٻن سون کان ٽن سون ٽنن جا جهاز- جي ان وقت تمام وڏا ليکيا ويندا هئا- مال لاهڻ ۽ چاڙهڻ لاءِ اچي بيهندا هئا.

پورچوگيزن جو سرڪاري روزنامچو لکندڙ ''انٽونيو بوڪارو'' (١٦٣١ع) لکي ٿو ته ''هي بندر تمام وڏو هو ۽ سنڌس آدمشماري به تمام گهڻي هئي''. انگريزي ڪوٺين وارا به ساڳي ڳالهه جي تائيد ڪن ٿا ته ''سنڌس اڏاوت جيتوڻيڪ ڇڳي ڪانه هئي، تڏهن به منجهس ڪافي آدم آباد هو، ۽ ضرورت جون سموريون شيون جهجهي انداز ۾ دستياب ٿي سگهنديون هيون''. ''خلاصة التواريخ'' جو مصنف- جو اورنگزيب وٽ آفيسر هو- لکي ٿو ته لاهري بندر سنڌ جو مکيه بندر آهي. موتين ۽ ٻين شين ڪان مشهور

شهر آهي. هن بندر تي اٽڪل ۴۰۰ جهاز ۽ ٻيڙيون هڪ ئي وقت لنگر انداز ٿي سگهن ٿيون.

پر افسوس، درياءَ شاه جي ريٽ هن آباد ۽ وسندڙ شهر کي پڻ تباه ڪري ڇڏيو. سترهين صديءَ جي آخر ڏاري درياءَ جو پيٽ واريءَ ۽ رڱ سان لٽجي ويو، ۽ انهيءَ بندر تائين دريائي آمدرفت مشڪل ٿي پيئي، جنهنڪري آهستي آهستي سندس واپار ۽ بندر واري اهميت ختم ٿي ويئي.

اها آهي شاه کان ڪجهه اڳ واري دور ۽ شاه جي ابتدائي دور ۾ سنڌ جي حالت. آهستي آهستي رهي کهي حالت به تباهيءَ جي حد تائين پهچي ويئي، جو جڏهن شاه پنهنجي قوهه جوانيءَ واري وقت ۾ سير و سفر سانگي ساموندي ۽ بحري بندرن جو مشاهدو ڪيو، تڏهن اڳئين اوج واري وقت جي بدلي ڳالهين جي روشنيءَ ۾ برباد شهرن ۽ بندرن جا آثار ڏٺائين، جتي سون ۽ موتين جو واپار هلندو هو، اتي لوهارن کي ڪُٽُ ڪٽيندي ڏٺائين. يقينًا انهي نظاري مٿس بيحد اثر ڪيو هوندو.

سنڌ کي تباهيءَ جي حد تائين پهچائڻ ۾ جغرافيائي ۽ ۽ اتفاقي حالتن کان سواءِ وڏو سبب سنڌ جي سياسي حالت به هئي. خاص ڪري ۱۷۰۱ع کان ۱۷۳۹ع وارو دور قابل ذڪر آهي. ۱۷۰۱ع کان اڳ به وقت جي خود مختيار ڪلهوڙي حاڪم مياں يار محمد، جنهن هندستان جي ڪمزور مغل بادشاهت جو وجهه وٺي، خود مختياري جو اعلان ڪيو هو، تنهن جو سمورو وقت جنگين ۾ گذريو. پر ۱۷۰۱ع کان پوءِ باقاعدي سنڌ جو حاڪم بڻجڻ کان پوءِ به سندس سمورو عرصو اندروني لڙاين توڙي ٻاهرين سان وڙهندي گذريو. کانئس پوءِ سنڌ جو ٻيو مشهور حاڪم ميان نور محمد هو، جنهن جي پڻ سڄي عمر جنگين ڪندي گذري. ميان نور محمد جون داؤد پوٽن سان جنگيون، قلات جي بروهين تي حملا- ويندي سنه ۱۷۳۸ع تائين سنڌ جو دور اهڙو هو، جنهن ۾ مسلسل جنگيون ٿينديون رهيون.

انهن جنگين سبب وقت جا حاڪم ملڪي انتظام رکي نہ سگهيا، جنگين جي خرچ جو بار عوام جي مٿان پيو. رهي کهي ڪسر نادر شاهہ جي حملي پوري ڪري ڇڏي. ناد شاهہ جو حملو، قدرت جي طرفان هڪ عظيم عذاب هو، جنهن جيڏانهن ٿي قدم رکيو، سو هنڌ تاخت و تاراج ٿي ويو ٿي. هڪ طوفان تباهي هو، جنهن تهذيب ۽ انسانيت جا سرسبز باغ ويران ڪري ڇڏيا. نادر شاهي حملي سنڌ جي باقي همت کي ختم ڪري ڇڏيو. هن نادري لشڪر سڄي ملڪ ۾ ڦرلٽ مچائي ڏني. ڪو گهر، ڪو ماڻهو سندن چيره دستيءَ ۽ ظالمانہ ڦرلٽ کان آجو نہ رهيو؛ امير، غريب، شريف ۽ لُچ هڪ ئي مصيبت ۾ گرفتار هئا. سنڌ جو سمورو خزانو انهيءَ دور ۾ اڳيئي ختم ٿي چڪو هو. آقي باقي نادرشاهہ ڪروڙها رپيا ڏنڊ طور پاڻ سان کڻي، آباد علائقن کي ويران بنائيندو، وڃي پنهنجي ملڪ ٺانيڪو ٿيو.

مٿئين بيان جي روشنيءَ ۾، هائي هڪ طرف تہ سنڌ اقتصادي ۽ سياسي لحاظ کان انتهائي بد حال ٿي چڪي هئي، ۽ سمورو ناڻو سميٽجي، ڏن طور وڃي ٻاهرين خزانن ۾ جمع ٿيو تہ ٻئي پاسي جغرافيائي تبديلين، خصوصاً درياءَ جي ريٽجڻ ۽ رخ بدلجڻ سبب زرعي حالت تباهہ ٿي چڪي هئي. عوام ۽ خواص داڻي داڻي لاءِ محتاج هئا. وڏا ۽ واپاري شهر ڦٽي ناس ٿي ويا هئا. شرافت ۽ انسانيت مفقود ٿي چڪي هئي. ذهين طبقي جا فرد پڇي وڃي ٻين ملڪن پيڙا ٿيا. بک ۽ بيڪاري عوام جي گردنن تي مسلط هئي. امن امان جو نالو بہ نہ رهيو هو. سلامتيءَ جون سڀ راهون مسدود ٿي چڪيون هيون. اهڙي دور ۾ شاهہ، جو حقيقت جو ترجمان، فطرت جو نقيب ۽ پنهنجي ماحول ۽ دور جو راوي هو، سو انهن حالتن کان متاثر نہ ٿيو هوندو ڇا؟ ۽ ڇا انهن حالتن کي پنهنجي ڪلام ۾ بيان نہ ڪيائين؟ جيڪڏهن جواب نفيءَ ۾ آهي تہ پوءِ هڪ فطري شاعر لاءِ جي شرط شروط لڳايا وڃن ٿا، انهن جو پابند شاهہ صاحب نظر نٿو اچي، ۽ اسان

ٻاهرين ملڪن سان ٿيندڙ واپار ڪي ياد ڪندي چيائين:

لنڪا لنڪا ڪن، لٺي لنڪا جهي اوهَريا
سٽي سون لنڪا جو، سڪ نہ ساموندين
پيره پڳهہ ڇوڙيا، ڪاري ڪيڙائن
وڏي ڀاڳ ڀيڙن، جي ڪهيا ڪارونڀار ڏي.

مضمون جي لحاظ سان سُر سريراڳ پڻ هن سُر جو ڊوڙي آهي، جنهن ۾ ٻڻ انهي انتظار، فراق ۽ ڏک سان ڀريل بيت ملن ٿا، ۽ غافل اڳواڻن کي، جن قوم ۽ ملڪ کي تباهہ ڪرڻ ۾ ڪا ڪَسر ڪانہ ڇڏي، ۽ جن جي غلط رهنمائي، وطن عزيز کي سخت مصيبتن ۾ مبتلا ڪيو، تن کي تنبيهہ ڪيائين تہ:

ڀاڻ ڀرائو چاڙهيو، وَکر وڻجارا
آچي لهريون لڳيون، ٻيڙيءَ ٻيپارا
جاڳو جي يارا! تہ تڙ توائي نہ ٿئي.

ملڪ ۾ لائق ماڻهن جي ڪمي، اشرافن ۽ حق پسندن جي نہ هجڻ تي شاہ صاحب ماتم ڪندي، هي بيت چيو آهي تہ:

ويا سڀي وينجهار، هيرو لعل وندين جي
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نہ سار
ڪٿيئن ڪٽ لُهارَ، هاٿي اُنهين پهٽيينِ.

هي بيت انهي نظاري جا اُهڃاڻ ڏئي ٿو، جڏهن آباد شهر ويران ٿي چڪا آهن. اصل ۽ اشراف يا تہ افراتفري واري دور ۾ ختم ٿي چڪا آهن، يا تہ انهي جاءِ تي، نقل ۽ گهٽ درجي جي ماڻهن اچي قدم ڄمايو آهي. جن وٽ اشراف ۽ لُچ جي وچ ۾ ڪو فرق نہ آهي. عالمن ۽ فاضلن جي عدم موجودگي، جاهلن جو صاحبِ اختيار هجڻ جو شديد احساس پڻ هن بيت ۾ ظاهر آهي.

اسان تمام ٿورا بيت ڏيئي، پنهنجي نڪتهٔ نظر جي وضاحت ڪئي آهي. هن سُر مان صوفيانہ راز ۽ رمزون، ۽ عارفانہ نڪتہ جيڪڏهن شاہ جي شارحن بيان ڪيا آهن تہ اهي

پڻ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن. جيئن ته شاهه صوفي طريقي موجب پنهنجو پيغام پين تائين پهچائڻ گهريو ٿي، تنهنڪري سندس سموري ڪلام مان اهو رنگ به نمايان ملندو، پر ساڳئي وقت شاهه جي ڪلام ۾ تمثيلي طور پيا داستان پڻ بيان ٿيل آهن تنهنڪري اسان جو مٿي بيان ڪيل نڪتهءِ نظر پڻ نظرانداز ڪرڻ جهڙو ڪونهي.

میمڻ عبدالمجید سنڌي

# سرسامونڊيءَ جو فلسفو

عام طرح پورڙائيءَ ۾ ماڻهو پلجي پوندو آهي، ۽ اسلامي تصوف متعلق انهيءَ نظريہ کي وزن ڏيندو آهي تہ اسلامي تصوف ويدانت کان ويچار ۽ ويچاءَ ورتا آهن، پر جيڪڏهن حقيقت جي نظر سان ڏٺو ويندو تہ معلوم ٿيندو، تہ ويدانت جي واٽ ۽ اسلامي تصوف جي تنوار ۾ وڏو فرق ۽ ڦير نظر ايندو. نہ فقط ايترو، پر ٻنهي جي فڪر ۽ فلسفي، منزل ۽ مقصد، اهڃاڻ ۽ اصول ۾ تضاد نظر ايندو.

ويدانت جا ويچار، اسان کي سنڌن- سُکو ٻنائڻ جي سکيا ڏين ٿا. اها حقيقت ڏينهن ڏٺي جهڙي چٽي آهي، تہ هندو ساڌن جون تپسيائون سانت سيکارين ٿيون. اوهان کان اها ڳالهہ ڳجهي نہ هوندي، تہ هندو يوگين جي يوگ جا مختلف نمونا آهن. ڪو يوگي سڄ ڏانهن منهن ڪري، مهنن جا مهنا بيٺو رهندو. ڪو وري لڱين اگهاڙي پلٽي ماري جهنگ ۾ ويهي رهندو ڪو وري پانهن جهلي بيٺو رهندو، تہ ڪو وري ٽنگ مٿي جهلي بيٺو رهندو. ڪو دم چاڙهي ڇڏيندو، تہ ڪو سنئون نئون ٿي سانت ڪري سمهي پوندو.

ان مان معلوم ٿيندو تہ يوگ جا سمورا قسم تحرڪ ۽ چر پر جي مخالفت ڪن ٿا. هو اهو ٻڌائين ٿا تہ تحرڪ کي ختم ڪرڻ سان ئي منزل ملي ٿي. ان جي ابتڙ اسلامي تصوف، تحرڪ جي تبليغ ڪري ٿو. اسلامي تصوف اهو نہ ٿو ٻڌائي تہ هڪ هنڌ ويهي سنڌ سڪائي ڇڏجن، يا دم چاڙهي ڇڏجي؛ پر چوي ٿو تہ هر دم سان ڌڻيءَ کي ياد ڪجي. انهيءَ ڪري صوفي چوندا آهن.

”جو دم غافل، سو دم ڪافر“

جيئن زندگي تحرڪ جو نالو آهي، تيئن تحرڪ ئي روحانيءَ ترقيءَ جو ذريعو آهي. هو پڌائين ٿا، ته روحاني اوسر جي پڄاڻي ئي ڪانهي. هر منزل، ٻيءَ منزل جي ابتدا هوندي آهي. اهو سير ۽ سفر ڪٿي به ڄڻ ڪٿ جو ئي نه آهي. شاهه صاحب جو سر سامونڊي انهيءَ ساڃاهه جي سڌ ڏئي ٿو، ته جهڙيءَ طرح سامونڊي سفر اجهاڳ آهي، اهڙيءَ طرح روحاني سفر جي منزلن جو به ڪاٿو ئي ڪونهي. انهيءَ ڪري روحاني وکر وهائيندڙ وڻجارن کي سدائين سفر جي تات آهي. هو نه ويهن ٿا، نه ساهي پٽين ٿا، پر هميشهه اجهاڳ سمنڊ جهاڳيندا رهن ٿا:

سامونڊن سعيو، سدائين سفر جو
ڪو ڏيهه ڇتايو، اونهي وڃن اوهريا.

---

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون
اٿئي پهر اٿن، سعيو ڪنهن سفر جو.

---

وڻجارن وائي، سدا آهه سفر جي.
آيو ٻارهين ماهه، پڻ ٿو سفر سنبهي.

اسلامي تصوف جي جڳ مشهور مفڪر حضرت شيخ محي‌الدين ابن العربي پنهنجي ڪتاب فتوحات المڪيه جي ٻاويهين باب ۾ سلوڪ جي راهه جي منزلن جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ انهن جي حقيقت سمجهائي آهي. لکي ٿو ته منزلون بي شمار آهن، پر هتي اسان فقط انهن منزلن جو بيان ڪنداسون، جن جو تعلق اسلامي شريعت سان آهي؛ ۽ اهي ٻين منزلن کان ممتاز حيثيت رکن ٿيون. اسان اهڙيون منزلون بيان نه ڪنداسون، جن جو تعلق ٻين مذهبن سان آهي. اڳتي هلي اهڙيون منزلون اٺويهه پڌايون اٿس، ۽ لکيو اٿس ته انهن مان ڪن جون ڪيترين ئي شاخون آهن. ان مان معلوم ٿيو ته ابن العربيءَ جي نظر ۾ روحاني سفر

جي منزلن جو ڳاڻاٽوئي ڪونهي. ان لاءِ دليل ڏيندي لکيو اٿس ”ٻانهي جي ٻانهپ جي ڪابہ اهڙي حد ڪانهي جو ٻانهپ ختم ٿي وڃي ۽ ٻانهو رب بنجي.“

شاهہ صاحب انهيءَ حقيقت کي سمجهائيندي فرمايو آهي، تہ جهڙيءَ طرح سامونڊي سفر ۾ هڪ بندرڪان پوءِ ٻيو ايندو، اهڙيءَ طرح روحاني سفر ۾ بہ هڪ منزل ڪان پوءِ ٻي منزل آهي:

بندر ديسان ديس، مُلَ نہ ملي وارِيين
فقيراڻي ويس، اَمُلَ ڏيـن اتـوريا.

جيئن تہ سمنڊ اجهاڳ آهي، ۽ منزلن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. انهيءَ ڪري وڻجارن کي هميشهہ وڃڻ جي واڳي آهي. هنن کي ڪيترو بہ روڪڻ جي ڪوشش ڪجي، پر هو رڪڻ جا نہ آهن. زميني رشتا ۽ پيارن عزيزن جون دانهون ۽ ڪوڪون بہ هنن تي ڪو اثر نہ ٿيون ڪن، يعني مادي تعلقات انهن جي راهہ ۾ حائل نہ ٿا ٿين. هو هر ڳالهہ کان منهن موڙي سفر جو سانباهو ڪري وڏندا رهن ٿا:

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون
هلڻ هارا سپرين، روئان تان نہ رهن
آءٌ جهليندي ڪيترو، آيل سامونڊين
پڳهہ ڇوڙي جن، وڌا ٻيڙا ٻار ۾.

ابن العربي فتوحات المڪيہ ۾ ڄاڻايو آهي ”جڏهن ڪو لها ڪرڻ وارا ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪن ٿا، تڏهن ڪين ان ۾ ڪاميابي ٿئي ٿي“ يعني جڏهن راهہ جي ور وڪڙن کان واقف ٿي اڳتي وڌجي ٿو، تہ مولا جي مهر ٿئي ٿي، ۽ مسافر منزل ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. شاهہ صاحب اها ڳالهہ هن طرح سمجهائي آهي تہ جڏهن سڙهہ سبجي رهيا هئا، ۽ سامونڊي سفر جي تياري هئي، تڏهن سامونڊي سفر بابت معلومات بہ حاصل ڪيائون ۽ رهبري بہ ورتائون. ان ڪان پوءِ

تصوف جي تشريح بہ فطرت جي اڻ مٽ اهڃاڻن پٽاندر آهي.
هو سمجهائي ٿو، تہ تحرڪ ۾ اپڻ سان ئي ترقيءُ جون راهون
کلن ٿيون. پر جيڪڏهن ٿورو اڳتي هلي بيهي رهبو، تہ وڏواند
ٿي وڃبو، يعني وڌندو ۽ وڌندو رهجي. ان سان گڏ پانهي کي
ڪي پنهنجي هيٺائيءَ جو بہ احساس هئڻ گهرجي، انهيءَ ڪري
همٿ ۽ وڏائي ڇڏي، مالڪ کان مدد جو ملتجي رهجي.

جناب مير محمد ٻيو

# سر ساموندي جو روحاني راز

صوفين، سالڪن ۽ اهل دل عارفن جي سرزمين سنڌ ۾ ڪيئي ڪامل ولي ۽ خدا جا صالح ۽ نيڪ بندا پيدا ٿيا. انهن ۾ لاڪيئي لطيف جو مقام ۽ منزل مڙيوئي مٿيري پئي نظر اچي. ان جو واحد سبب هي آهي ته شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ انساني عظمت سان گڏ اهڙا ته اونها الاهي راز ۽ حڪيمانه گفتا بيان فرمايا، جن جي ڪري عملي زندگي جو روشن پهلو نمايان ٿيو پوي.

شاهه صاحب جي ڪلام جي خاص خوبي هيءَ آهي ته جنهن به سُر کي ڪامل ڪلام وسيلي نوازيائين ته ان جي خاص ڪردار کي ماحول ۽ موقعي جي مناسبت سان نهايت موثر بنايائين. پتنگن جي پچار ڪيائين ته ان سان گڏ مچ تي سڙڻ جو منظر به بيان فرمايائين. شمع جي ڳالهه سان گڏ شب جو ذڪر ضرور هوندو. سسئيءَ جو بيان ڪبو ته سنڌس سور، ڏونگر ۽ ڏيرن جون ڏاڍايون ۽ ان سان گڏ هاڙهي ۽ حب جون حقيقتون ان سان ضرور شامل هونديون. هيڏانهن سورٺ جو ذڪر ڪبو ته سُرَ ۽ ساز ان کان ڪڏهن به علحدا نه هوندا. جيڪڏهن سهڻي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي ته ميهار جي محبت سان گڏ درياءَ جي دهشت، ڪارونڀار ڪپر ۽ سٽاڻن سيارن ۽ سيد جون سختيون ضرور شامل هونديون. اهڙي ريت ليلا ۽ ليلائڻ. نوري ۽ نياز وغيره ڳالهيون پڪ سان هڪ جاءِ هونديون ۽ نه پري.

جيتري قدر سُر ساموندي جو تعلق آهي ته هي سُرُ، سر سريراڳ سان مشابهت ته رکي ٿو، مگر مضمون ۽ متن جي لحاظ کان هن ۾ مڙيوئي فرق پيو معلوم ٿئي. هن ۾ ڪو شڪ

نہ آهي تہ سَرُ سريراڳ ۾ سَرُ سامونڊي جو مرڪز سمنڊ آهي ۽ ان سان واسطو رکندڙ شيون، مگر پنهي سرن ۾ سالڪ جو ڪردار پنهنجي پنهنجي جاءِ تي انوکو پيو ڏسڻ ۾ اچي، جئن تہ سر سريراڳ ۾ سالڪ کي هي صلاح ڏني ويئي آهي تہ هن کي سامونڊي سفر لاءِ ڊنگي ڊوئي يعني نفس جي پاڪائي اختيار ڪري، ڪامل ڪشتبان جي لڙهہ لڳي پوءِ سٽائي سير سان سينو ساهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ان جي سفر ۾ سراسر سختيون آهن. هر سالڪ کي انسان جي ازلي دشمن (شيطان) جو خيال رکڻ تمام ضروري آهي.

اهڙي ريت سر سامونڊي جو مرڪز بہ جيتوڻيڪ سمنڊ ضرور آهي، مگر هتي سامونڊي يا وڻجاري ۽ وڻجاري جو ڪردار پنهنجي پنهنجي جاءِ تي جدا جدا نموني ادا ڪيو ويو آهي. هن سر جا حقيقت ڪري مکيہ پهلو سمنڊ ۽ ان جو سفر، سامونڊي سفر يا وڻجارو ۽ وڻجاري آهن. سر جي گهري اڀياس ڪان پوءِ هيءَ ڳالهہ صاف ڏسڻ ۾ ايندي تہ هرهڪ ڪردار جو ذاتي عمل روحاني نقطہ نگاهہ کان ڀڻ نيارو آهي. اهل تصوف وارن سمنڊ کي اهل دل ۽ عارفن جي ملڪوتي منزل جي راهہ بيان فرمايو آهي، جنهن تي هلڻ سان عارف کي ڪئين رنڊڪون ۽ روڙا سَر ڪرڻا پون ٿا. حقيقت ڪري اهڙي اونهي اوڙاهہ کي سَر ڪرڻ ڪا سولي ڳالهہ نہ آهي. هونءَ تہ شيطان انسانيت جو ازلي ۽ وڏي ۾ وڏو دشمن ضرور آهي، جنهن کي انساني عروج ڪڏهن بہ پسند نہ هوندو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ هو سراسر بدي آهي ۽ يوناني فيلسوف ارسطو جي هن نظريہ مطابق تہ "بدي سدائين نيڪي جي دشمن هوندي آهي" ان ڪري شيطان عام انساني اقدار کان متي اهل دل ۽ عارف جو تہ خاص ويري هوندو آهي. مطلب تہ ملڪوتي منزل ماڻڻ کان اڳ ان جي اها ڪوشش هوندي آهي تہ ڪنهن بہ ريت هن کي هيٺ ڪيرائجي نہ تہ بہ روڪجي ضرور. شيخ عبدالقادر جيلاني جن

رڳو فڪري ۽ معنوي منزل کان متاهون ۽ ممتاز آهي، پر بيهڪ جي لحاظ کان به منجهس جيڪي ڪاريگريون، جوڙون، جڙاوتون، پيتون، سَجون، چٽساليون، پيچ گهرڙون، گهاڙيتا، واڌارا ۽ گهٽايون وغيره آهن، سي سڀ لاجواب ۽ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

شاه صاحب جو ڪلام، جيڪو ٻولي ۽ ادب جو اٿاهه سمونڊ آهي. تنهن ۾ ٽٻيون هڻي ۽ منجهانئس ماڻڪ، موتي ۽ هيرا ميڙڻ ۽ انهن کي پرکڻ ۽ پروڙڻ وڏن وينجهارن ۽ صرافن جو ڪم آهي.

مون جهڙو سڌڙيو ۽ شاگرد قسم جو ليکڪ، شاه جي ڪلام تي ڪجهه لکي ۽ سو به سنڌ جي برک اديبن ۽ عالمن جي اڳيان پيهي پڙهي، اهو ايئن آهي جيئن ڪو ابتدائي شاگرد استادن جي ميڙ ۾ پنهنجو شروعاتي سبق پڙهائيندو هجي.

اهو سڀ محسوس ڪندي به بزرگن جي صحبت مان ڪجهه حاصل ڪرڻ، پرائڻ ۽ پروڙڻ لاءِ پنهنجو هي اڻپورو ۽ ننڍڙو مضمون عرض رکان ٿو، جنهن جو عنوان آهي ”سر سامونڊيءَ ۾ صرفي ۽ نحوي ترڪيبون“

رسالي جي سرن مان سر سامونڊي، جيتوڻيڪ هڪ ننڍڙو سر آهي ته به منجهس ڪافي اهڙيون ڳالهيون ۽ نڪتا آهن، جن تي گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو.

پٺ ڏيءَ جي ڪلام لاءِ اسان مان گهڻن جي پرک اها، آهي جو جيڪڏهن ڪن لفظن جي معنيٰ نه سمجهندا سون ته چوندا سون ته اهي لفظ متروڪ ٿي ويل آهن. پر ان لاءِ جيڪڏهن ٿورو پرپرو وچڙي ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته شاه جي ڪلام جو ڪوبه لفظ متروڪ ٿي ويل ڪونهي. رڳو اسان جي ذهنن کي متروڪيت جي وبا وڪوڙي ويئي آهي، جو اسين ”جي تون فارسي سکيو، توءِ گولن سندو غلام“ جي تشريح ڪندي به ڌارين ٻولين جي انڌي عشق ۽ ڌاري تهذيب جي

د:- اسم جي پويان 'آؤ' حرف يا 'واءُ' معروفي ملائڻ سان صفت ٺهندي آهي.
جيئن:
ساءُ + آؤ = سائو — ساموندي 'سائو' لنڪا لوٽي آئيا.
طمع + آؤ = طمعو — موتي جي مهراڻ جا، تن جا 'طامائو'
هتي طاماءو، طمعو جي بدليل شڪل آهي.
هه:- اسم جي پويان 'اِي' يا 'ي' معروفي ملائڻ سان صفت
ٺهندي آهي. جيئن:-
ويسر + اِي = ويسري — تون 'ويسري' وک ڪٿين، هو
پورينده پرڏيهه
پٽڻ + اِي = پٽڻي — پڳهه ڪڻ نه 'پاٽڻي' جاني مون لئي جٽ.
هتي پاٽڻي، پٽڻي جي بدليل شڪل آهي.
و:- اسم جي پويان 'اِيڪو' ملائڻ سان صفت ٺهندي آهي. جيئن:-
ساموند + اِيڪو = ساموندِيڪو — 'ساموندِيڪو' ڏنجهه، ماءُ
مارينديم ڪڏهن.

## ظرف مان صفت ٺاهڻ

ظرف جي پويان 'اؤڪي' ملائڻ سان صفت ٺهندي آهي. جيئن:-
اڄ + اؤڪي = اڄوڪي:- اڄوڪي راتڙي رهه لالڻ
مون لائي.

## صفتن مان اسم ٺاهڻ

الف:- ڪن صفتن جي پويان 'اؤ' يعني واؤ مجهولي آڻڻ سان
اسم ٺهي ٿو. جيئن:-
سرس + او = سرسو — ڏيٺي وڻڙا ڏيهه ڪي، سورن
جو سرسو
ب:- ڪن صفتن جو آخري 'واو' ڪيرائڻ سان اسم ٺهندو آهي.
مٺو - و = مٺ — مون سان ڪري 'ميٺ' سڄڻ سفر هليا.
هتي ميٺ، مٺ جي بدليل صورت آهي.

## فعلن مان اسم ٺاهڻ

**الف:-** امر واحد جي پويان 'اِي' يعني 'ي' معروفي ملائڻ سان اسم ٺهندو آهي. جيئن:-

سانباه + اِي = سانبهي — اڳي واء سواء، سڙه 'سانباهي' نه سهي

**ب:-** جنهن امر واحد جي پڇاڙي زير (اِ) آهي، ته ان تي زبر (آ) ڏيڻ سان اسم ٺهندو آهي. جيئن:-

جهَل مان جهَلَ — روئان رهن سپربن، جهليا 'جهل' نه ڏين

چيٽ مان چيٽَ — مکيو پنهنجون مکربون، چيٽيو چڳيءَ 'چيٽ'

**ج:-** جنهن امر واحد جي پڇاڙيءَ ۾ پيش (اُ) هجي ته ان تي زبر (آ) ڏيڻ سان اسم ٺهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن امر واري ساڳي شڪل به اسم تي ڪم ايندي آهي. جيئن:-

وَهُ مان وَهَ — ڏيندا مون ڏکن، 'وهه' وجهندا جندڙو.

وهُ مان وهُ — کارو تنين تي، جيڪس 'وهه' وري ويو

**د:-** ڪڏهن ڪڏهن ماضي مطلق واحد غائب جي صيغي جو آخري 'واو' ڪيرائڻ سان به اسم ٺهي پوندو آهي. جيئن:-

ڏٺو – و = ڏٺ — تي ڏياريءَ 'ڏيٺ' ڏيو هلڻ جي ڪري هتي ڏيٺ، ڏٺ جي بدليل شڪل آهي.

## اسمن مان فعل ٺاهڻ

(١) 'ڦوڙائو' اسم آهي، جنهن جي معنيٰ آهي وڇوڙو. شاه صاحب انهيءَ ڦوڙائي اسم مان فعل ٺاهي، مضارع واحد غائب جي روپ ۾ ڪم آندو آهي.

ڊول + ڙو = ڊوليڙو — ”ڊوليڙو ويو ڏور سي تي ڏينهن گذاريان“

اهڙي طرح ساڳئي اسم جي تصغير جا ڪيترا روپ آهن، پر جيئن ته انهن جو هن سر جي بحث ۾ واسطو ڪونه آهي، ان ڪري انهن تي بحث ڪرڻ کان پرهيز ڪجي ٿي.

د:- ڪنهن اسم جي پويان 'ڻ' ملائڻ سان به سنڌس ننڍڙائي ٿيندي آهي. جيئن:-

لال + ڻ = لالڻ — ”اڇوڪي راتڙي رهه، 'لالڻ' مون لائي“

## فعلن جي تصغير

اسمن جي تصغير سان گڏ هن سر جي بيتن ۾ فعل جي تصغير جا شال به ملن ٿا. جيئن:-

پيا مان پٽڙا — ”اوليون پسي ان جون 'پٽڙم' ڳچ ڳري.“

وٺا مان وٺڙا — ”جي 'وٺڙم' اڄ، سي ڪڏهن ايندا مان گهرين“

## اسم فاعل جا نمونا

هن سر ۾ اسم فاعل جا ٻه روپ آهن:

(١) امر واحد جي پويان 'آئُو' ملائڻ سان فائل ٺهندو آهي. جيئن:-

ڪيڙ + ائُو = ڪيڙائو — ”ڪاري 'ڪيڙائو' مڻي مـور نه موٽيا.“

وهاء + ائُو = وهائو — ”سودو ڪـن نه سـون جـو، وڏا 'وهائو'“

(٢) امر واحد جي پويان 'اُوَ' يا واو معروفي ملائڻ سان فاعل ٺهندو آهي. جيئن:-

لهہ + آوَ = لهو. جيڪو لساني تبديل ڪري لهو مان لاهو ٿي ويو ۽ شاه وٽ اجهو هيئن استعمال ٿيل آهي.

”پڇيو تان نه پريان، ’ڪرلاهو‘ تي ڪڍهن“

## اسم مفعول جا روپ

هن سر ۾ اسم مفعول جون ٽي شڪليون آهن، جيڪي هيٺين آهن:

(١) امر واحد جي پويان ’يو‘ ملائڻ سان اسم مفعول ٺهندو آهي. جيئن:-

مار + يو = ماريو، مونث ’ماري‘

”مارينديءَ ’ماري‘ پره سور پرين جو“

ڏم + يو = ڏميو، بدليل شڪل اٿس ’ڏٺو‘

”ڏٺو اڄ اڏيوءِ، هينئڙو ڪوٽ- برج جيئن“

(٢) امر واحد جي پويان ’آئي‘ ملائڻ سان، اسم مفعول ٺهندو آهي. جيئن:-

سٽ + آئي = سٽائي - ”ڪنهن ’سٽائي‘ سانگ پرين پرڏيهي ڪيا“

(٣) امر واحد جي پويان ’ڏون‘ ملائڻ سان اسم مفعول ٺهندو آهي. جيئن:-

ڳنڍ + ڏون = ’ڳنڍڏون‘ جيڪو پوءِ تبديل جي ترقيءَ ۾ اچي ’ڳاڏڏون‘ ٿي ويو آهي.

”سامونڊيڪو سڳ، آهي گوندر ’ڳاڏڏون‘“

## فعل بالواسطو

هن سر جي بيتن ۾، فعل متعدي معروف مان فعل متعدي معروف بالواسطو، تاهڻ جو هڪ مثال ملي ٿو، جيڪو آهي ’ڏوتائون‘ مان ’ڏئارياڏون‘

”اجاريائون اوليون، ’ڏئارهائون‘ ڏڄ“

## اسم عام مان خاص

جيئن:-

ڏيا + آري = ڏياري.

”ڏني ’ڏياري‘ ساموندين سڙهه سنباهيا“

نحو جي اصلي معنيٰ آهي طرف يا پاسو، جنهن مان مطلب آهي ته لفظ هڪ ٻئي جي پاسن ۾ بيهي، هڪ لڙهيءَ ۾ پوئجي، هڪ ٻئي تي ڪهڙو اثر ۽ عمل ڪن ٿا ۽ ڪهڙيون حالتون پيدا ڪن ٿا. ٻئن لفظن ۾ هيئن چئجي ته ”نحو اهو علم آهي جيڪو اسان کي لفظن جي ترڪيبي جوڙ جڪ جا صحيح قانون ٻڌائي ٿو“

هن سر جي بيتن ۾ هيٺيان نمونا، نحوي ترڪيبن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.

## مهمل يا بي معنيٰ لفظ

ڪن اسمن جي پرتيءَ لاءِ سندن اڳ ۾ يا پويان ڪي هموزن، هم آواز يا مناسب لفظ ملائيا آهن، جن مان ڪيترا بي معنيٰ هوندا آهن، اهڙن لفظن کي زائد، مهمل يا بي معنيٰ چئبو آهي.

شاهه جي هن سر ۾، اهڙن لفظن جو هڪ مثال ملي ٿو، جيڪو آهي وڻ ڻڻ. هتي وڻ جي پويان ’ڻڻ‘ لفظ بي معنيٰ آهي.

”جر تڙ ڏيا ڏي، وڻ ’ڻڻ‘ ٻڌي وانئٺيون“

## تڪراري لفظ

ڪنهن جملي ۾ جيڪڏهن ڪنهن اسم کي يا فعل وغيره کي ٻتو يا ٻه دفعا ڪم آڻجي ته اهڙي تڪرار کي تاڪيد چوندا آهن. هن سر ۾ لفظن جي اهڙي تڪرار ۽ تاڪيد جا اجهي هي مثال ملن ٿا.

کيڙي کيڙي- ”کيڙي کيڙي‘ کنب، ماء سامونبي آئيا“
لنڪا لنڪا- ”لنڪا لنڪا‘ ڪن، لنڪا سوڻي آئيا“
جڳن جاجڳ- ”جڳن جا جڳ، ٿيا، تيان نہ موٽيو ڪوء“
ديسان ديس- ”بندر ’ديسان ديس‘ ملھ نہ ملي وارئين“

## مرڪب اسم

ڪي بہ اسم پاڻ ۾ ائين ملي وڃن جو جدا جدا شڪليون بہ هڪ معنيٰ ڏيکارين تہ انهن کي مرڪب اسم چئبو. جيئن:- ڄ ڍن ڏينهن‘ ۽ اتر منڊ‘. جن جي معنيٰ ٿيندي ’جواني‘ ۽ ’سيارو‘ سي ٿي ’جوڀن ڏينهن‘ جڏهن سڄڻ سفر هليا.

---

آئي ’اُتر منڊ‘ هيين اڍ ڪونہ لھي.

## متا ستا يا تبديل

ڪن اديبن جو رايو آهي تہ متا ستا يا تبديل جو قانون ’صرف‘ سان واسطو رکي ٿو. پر گھڻن جي راء آهي تہ اهو قانون ’نحوي‘ آهي، پوء اهو ڪٿي لساني لھجن جي ڪري هجي يا شعري ضرورت جي هجي. بهرحال تبديل جو قانون اڻ ٽر آهي ۽ ان جي تحت آوازن، اکرن، حرفن، لفظن ۽ معنيٰ جي متا ستا ٿيندي رهندي آهي ۽ هميشه لاء جاري بہ رهندي.
هن سر ۾ تبديل جا هيٺيان روپ ملن ٿا.

**الف:- ’اکرن جي تبديل:-**

جيئن:-
’لايا‘ مان ’لاتا‘ (ي کي ت سان متايل) بندر ويچاري وڃي ’لاتا‘ ڏينهڙا
’ڍهيو مان ’ڍٺو‘ (ھ ۽ ي کي ٺ سان متايل) ’ڍٺو‘ اڄ اڏيرو، هيمڙو ڪوٽ برج جيئن.

هتي 'پوءِ' مضارع واحد غائب جو صيغو آهي، جيڪو 'پئي' ماضي مطلق واحد غائب مونث جي معنيٰ لاءِ ڪم آيو آهي.

(٤) 'مستقبل جو صيغو مضارع جي معنيٰ ۾'.

”جان 'ايندين' تان آءُ، هٿي هٿ پکهين“

هتي 'ايندين' مستقبل واحد حاضر جو صيغو، 'اچين' مضارع واحد حاضر جي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي.

(٥) فعل جا مختلف روپ مصدرن جي معنيٰ ۾.

جهليندي، 'جهلڻ سان' جي معنيٰ ۾. ”مون 'جهليندي' نه رهيا، جيڪس نيرنيهن سندوم“

لاهيندا، لاهڻ سان جي معنيٰ ۾. ”لاهيندا ڏي ڪن، ڳالهيون هلڻ سنديون“

جهليا، جهلڻ سان جي معنيٰ ۾. ”روڻان، رهن نه لڪ سيئن 'جهليا، جهل نه ڏين“

لڳي، لڳڻ سان جي معنيٰ ۾. ”اتر 'لڳي' اوهريا، واهوندي ورن“

(٦) 'هڪ فعل جون ڪيئن معناڻون.

اهو شاعر جو ڪمال آهي جو ڪڏهن ڪو سادو لفظ اهڙي نموني ڪم آڻي ڇڏيندو آهي، جو ان جون ڪيئن معناڻون ٿي سگهنديون آهن، جيئن هن مصرع جون آهن.

”مون 'بيٺي' هليا، بندر جن تڙن“

۽ سندس معناڻون ٿينديون ته.

(١) آءُ 'بيٺي هيس' ته هو، بندر جي تڙن تان هليا.

(٢) آءُ 'بيٺس اچي' ته هو، بندر جي تڙن تان هليا.

(٣) منهنجي 'بيهڻ سان' هو، بندر جي تڙن تان هليا.

(٤) مون 'بيٺي ڏٺو' ته هو، بندر جي تڙن تان هليا.

## صفت ۽ موصوف

هن سر ۾ جيڪي صفت ۽ موصوف جون جيڪي ساديون ۽ عام ترڪيبون آيون آهن انهن ڪي ڇڏي، هتي فقط انهن ترڪيبن تي بحث ڪجي ٿو، جن ۾ نواڻ ۽ نرالائي آهي.

**الف:-** 'صفت جي تصغير' صفت جي تصغير جا مثال، سنڌي زبان ۾ ڪافي موجود آهن، پر هن سر جي هڪ بيت ۾ جيڪا صفت جي تصغير ملي آهي، اها لاجواب آهي.

مصرع آهي ته:- 'اچوڙڪي' راتڙي رهه، لالڻ مون لائي

هتي اچوڪي لفظ، اصل ۾ اچوڪي هو، جيڪو شاعر سنڌس موصوف راتڙي جي وڏيڪ تصغير ڪرڻ لاء اچوڪيءَ مان اچوڙڪي ڪري ڪم آندو آهي. هاڻي جڏهن صفت ۽ موصوف ٻئي تصغير تي ڪم آيا ته 'رات' جيڪا موصوف آهي سا اهڙي ته ننڍڙي ٿي پئي آهي جا ڄڻ ته اها پهر سواء آهي.

جيئن:- اچوڪي رات = مڪمل رات

اچوڪي راتڙي= ننڍي رات

اچوڙڪي راتڙي = بلڪل ننڍڙي راتڙي.

**ب:-** 'صفاتي حرف'. هن سر ۾ صفت جي ترڪيب جو ٻيو روپ آهن. 'صفاتي حرف' اهي آهن جيڪي ٻنهجن موصوف اسمن جي اڳ ۾ اچي ڪن صفتن جي معنيٰ ڏيکارين ٿا. هن سر جي بيتن ۾ اهڙا صفاتي حرف آهن، 'س، ڏ، ڪ، آ' و ۽ 'پر' وغيره.

سُ معنيٰ آهي سٺو

ڏُ معنيٰ آهي خراب

ڪُ معنيٰ آهي ڪنو

آوَ معنيٰ آهي خراب

پرَ معنيٰ آهي پراهون

سپرين = سٺا پرين. روڻان رهن نه 'سپرين' آيل ڪريان ڪيئن

ڪم ايندو آهي ۽ اهو اسم جي پويان لڳي، ان جي حالت جري بنائيندو آهي. پر هتي به اهڙا مثال مليا آهن، جو حرف جر، اسم جي اڳ، ۾ ڪم آيو آهي ۽ سندس پٺيان واري اسم جي حالت جري بنائي اٿس.

جيئن:- ”ڪاري ڪيڙائو، ’مٿي مٿي‘ موتيا.“

”گوندر ’مٿي جندڙيءَ‘ وريا ولين جيئن“

مٿين مصرعن ۾ ’مٿي مٿي‘ آهي ’مٿي تي‘ ۽ ’مٿي جندڙيءَ‘ آهي ’جندڙي تي‘.

## حالت ندا

هن سر جي بيتن ۾ ندا جي حالت پيدا ڪرڻ لاءِ، ندا جا حرف به ڪم آيل آهن، جيئن ته ”الا! ڪانڌ اچي، آسائتي آهيان“ پر گهڻو ڪري ندائي حرف ڪن اسمن جي اچارن ۽ آوازن پويان لڪل آهن. جيئن :-

آيل = او آيل! روئان، رهن نه سپرين، ’آيل‘! ڪريان ڪيئن.

سائين = او سائين! ساموندين ’سائين‘! واءِ سڏائو وارين.

## ضميري پڇاڙيون

هن سر جي بيتن ۾ اهڙيون ڪافي ضميري نشانيون آهن جيڪي فعلن ۽ حرفن جي پويان اچي ڪي حالتون پيدا ڪن ٿيون:

## ’ءِ‘ ضمير حاضر واحد لاءِ

جياريوءِ = تو جياريو. مونکي ’جياريوءِ‘ پرين جي ڳالهه ڪري

اڏيوءِ = تو اڏيو. ڊنو اڄ ’اڏيوءِ‘ هينئڙو ڪوٽ برج جيئن

سنڌوءِ = تو سنڌو. ڪوءِ سوڌو ’سنڌوءِ‘ جو تون ڍولا سڪيو.

## ’ئي‘ ضمير حاضر واحد لاءِ

لائِئي = تو لايا } ’لائِئي‘ ڏينهن گهڻا، مون سين ’ڪيئي‘ ٿورڙا

ڪيئي = تو ڪيا }

سبائِي = تو سبايو } کالهه 'سبائِي' ڪنجرو، انگهون 'پاٽئِي' اڄ
پاٽئِي = تو پاٽيون }

وڃئِي=تو کي وڃي : 'وڃئِي' وسري شال، جو تون سودو سکيو.

## 'ئِي' ضمير غائب جمع لاءِ

وڃنئِي = هو وڃن: وڃهي جيءُ جنجار، جم 'وڃنئِي' اوهري

## 'ئُون' ضمير غائب جمع لاءِ

سبيائِون = هنن سبيو — سڙهه تي 'سبيائون' بندر جن
تڙن تي

سونپيائون = هنن سونپيو — سنڌ 'سونپائون'، اوتڙ ڪنهن
نه اوليا.

اجاريائون = هنن اجاريو. } 'اجاريائون' اوليون، 'ڏاريائون' ڏڄ
ڏاريائون = هنن ڏاريا. }

## 'مِ' ضمير متڪلم واحد لاءِ

ڪيو م = مون ڪيو — سعيو ساموندين سين' اڳهين تان
نه 'ڪيوم'

ڪندو م = مون کي ڪندو — قادر شال 'ڪندوم'، ويجهي
وڻجارن سين

مارينم = مون کي مارين — 'مارينم' فراق، پاڙيچيون پرين جا

سندوم = مون سندو — جيڪس نيرنيهن 'سندوم' جيئن مون
بيٺي هن ٽيبلو

پنيم = منهنجون پنيون — 'پنيم' اميدون، سي ڏي سچڻ آئيا

وئڙم = مون کان ويا — جي 'وئڙم' اڄ، سي ڪڏهن ايندا
مان گهرين

پئڙم = مونکي پيا — اوليون پسي ان جون، 'پئڙم' گجگري.

## 'نِ' ضمير غائب جمع لاءِ

هونِ = هنن کي هئو — هڙ ۾ ڪين 'هونِ' هئين هن
نه چاڙهيا.

ويونِ = هنن کي ويو — سارو ڏينهن سمونڊ تي، لهي سج ’ويون‘

ڪيونِ = هنن سان ڪيو — جڏهن سائين سڀ ’ڪيون‘ تڏهن ستڙ ٿيا سيد چئي

## ’سِ‘ ضمير متڪلم واحد لاءِ

ڪيس = مون کي ڪيو — ’ڪيس‘ نماڻي نينهن، ڪاري ڪيڙائن جي

ويندِيس = آءٌ ويندس — ’ويندِيس‘ ماءُ مري، ساري سامونڊين کي

جناب نجف علي شاهه 'ڪمتر' نقوي

# سر ساموندي ۾ لغت

جناب صدر ۽ معزز حضرات!

اوهان سڀني کان اها ڳالهه پوشيده ڪانهي ته هن زماني ۾ سنڌي ٻولي هڪ اهڙي موڙ تي پهچي چڪي آهي، جتي پراڻي ۽ اصل سنڌي ٻوليءَ جي جاءِ تي هڪ نئين قسم جي جديد سنڌي زبان جو استعمال عام جام ٿيندو پيو وڃي. انهيءَ جديد سنڌي زبان ۾ ڌارين ٻولين جي لفظن جي ايتري ته ڀرمار ٿي وئي آهي، جو هاڻي پراڻي سنڌي ٻوليءَ جي گرامر ۽ حرف جر کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪونه رهيو آهي. افسوس صرف ان ڳالهه جو آهي ته اسان جي مٺڙي سنڌي ٻوليءَ سان اهو ويل وهائڻ وارا به سنڌي صاحب آهن، ۽ انهيءَ ڪُڌي ڪم ۾ گهڻي کان گهڻو ٻهرو سنڌي اخبارن، رسالن ۽ ريڊيو پاڪستان جي سنڌي پروگرام مرتب ڪرڻ وارن ورتو آهي.

سنڌي روزانين اخبارن ۾ خاص طرح سان ۽ ٻين سنڌي رسالن ۽ ريڊيو پاڪستان ۾ عام طرح سان جيڪا 'جديد' سنڌي ٻولي ڪم آندي پئي وڃي، تنهن کي صرف شهري طبقو ئي سمجهي سگهي ٿو. جيڪڏهن خوشي آهي ته صرف اها، جو سنڌ جي ٻهراڙين ۽ ڳوٺن ۾ هڪ عام اڻ پڙهيل سنڌي ماڻهو اها اها زبان بلڪل سمجهي ڪونه ٿو سگهي، ۽ هو پنهنجي پراڻي سنڌي زبان کي اڃا تائين پنهنجن سينن ۾ سانديو پيو اچي. جيئن ته اڻ پڙهيل سنڌي عوام اخبار پڙهڻ کان ته لاچار آهي، تنهڪري هو پنهنجي عام معلومات جو سڄو دارومدار ريڊيو جي سنڌي نشريات تي ٿو رکي. ليڪن افسوس جو سنڌ جي ڳوٺاڻن

جي فلاح ۽ بهبود لاءِ جيڪي پروگرام پيش ڪيا ٿا وڃن، تن کي هو بلڪل سمجهي ڪونه ٿو سگهي. ان باري ۾ انيڪ مثال پيش ڪري ٿا سگهجن، پر مضمون جي ڊگهي ٿي وڃڻ جي ڊپ کان صرف هڪ ٻن معمولي مثالن ڏيڻ کان پوءِ آءٌ پنهنجي اصل مضمون تي اچان ٿو.

ريڊيو پاڪستان تان هن وقت سنڌي ڳوٺاڻن لاءِ جيڪي پروگرام پيش ٿي رهيا آهن، تن مان ٻه پروگرام قابلِ ذڪر آهن: هڪ ”جمهور جو آواز“ ۽ ٻيو ”زراعتي پروگرام“. هاڻي اوهان انهيءَ ڳالهه جو خود فيصلو ڪريو ته ”زراعتي پروگرام“ ۾ سنڌي زبان جو ڪهڙو لفظ استعمال ٿيل آهي؟ ظاهر آهي ته جنهن پروگرام جو نالو ئي اهڙو عجيب و غريب آهي، جنهن جو سنڌي زبان سان ڪنهن به قسم جو واسطو نه آهي، ته اهڙي پروگرام ۾ اڳتي هلي ڪهڙي قسم جي سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هوندي، ان جو اوهين خود ئي اندازو لڳائي سگهو ٿا. اوهين يقين ڪريو ته آءٌ انهيءَ پروگرام هلندي اڻ‌ڄاڻ هارين کان پڇندو آهيان ته ’اوهين سمجهو ٿا ته هي ڇا چون؟‘ ته ان جو جواب يا ته بلڪل نفي ۾ ملندو آهي يا چوندا آهن ته ’ڪجهه ڪجهه سمجهون ٿا پر گهڻو سمجهه ۾ نٿو اچي‘.

هاڻي ٻڌايو ته جيڪڏهن هڪ انگريز کان بلوچي زبان ۾ ويهي حساب سيکاربا ته هو ڪيئن سکي سگهندو؟ اصل حقيقت هيءَ آهي ته جيتوڻيڪ حڪومت جي پاليسي اها آهي تہ سنڌ جي اڻ‌ڄاڻ هارين کي ٻني پوکڻ جي باري ۾ ڪي نيون ڳالهيون سيکارجن، جيئن هو اڳتي هلي ملڪ ۽ قوم جي لاءِ ڪو مفيد ڪم ڪري، سنڌ جي اقتصادي حالت کي سڌاري سگهن. پر پلو ٿئي ويچارن ريڊيو پاڪستان جي ڪارپردازن جو، جيڪي پروگرام پيش ڪرڻ وقت اڻ پڙهيل هاري کي معلومات مهيا ڪرڻ جو ته ڪوبه خيال ڪونه ٿا رکن. هنن کي ته اڻ پڙهيل هارين جي اڳيان صرف اهو ثابت ڪرڻو آهي ته پروگرام پيش

ڪرڻ وارو صاحب برابر بي. اي. پاس ڪيل آهي، ۽ اهڙو قابل آهي جو سنڌ زبان ۾ سمجهڻ مشڪل آهي. ڳوٺاڻي ڪچهري کي بنا ڪنهن سبب جي جمهوري بنائي ان تي نالو رکيو ويو ”جمهور جو آواز“. آءٌ اوهان صاحبن کي عرض ڪندس تہ اڄ ئي هيتي ڀٽائي گهوٽ عليه رحمة جي عرس تي جيڪي هزارها ڳوٺاڻا ۽ هاري آيل آهن، انهن مان هرهڪ ماڻهو کان وڃي پڇبو تہ ’جمهور‘ جي معنيٰ ڇا آهي؟ جيڪڏهن هڪڙو اڻ پڙهيل ڳوٺاڻو يا هاري اوهان کي ’جمهور‘ جي صحيح معنيٰ ٻڌائي وڃي تہ مونکي موت جي سزا قبول آهي.

انهي مختصر تمهيد بيان ڪرڻ مان منهنجو مقصد اهو آهي تہ هڙيون ڪچهريون، جتي سنڌ جي چوٽي جا اديب اچيو ٿا گڏ ٿين، اتي اسان کي انهيءَ ڳالهہ تي ويچار ڪرڻ گهرجي تہ آيا اسين شاه عبداللطيف رحہ ڀٽائي گهوٽ جي سنڌي ٻولي، جيڪا سنڌ جي اسي سيڪڙو هارين ۽ ڳوٺاڻن جي زبان آهي، تنهن کي هڪدم ختم ڪري انهن ماڻهن تي جديد سنڌي زبان زوري مڙهيون؟ يا ڀٽ جي گهوٽ جي سنڌيءَ کي ايندڙ نسلن لاءِ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون؟ جيئن لطيف جي هيءَ بي مثال محنت رائيگان نہ ٿي وڃي، ۽ هن کان پوءِ جيڪي نسل اچڻ وارا آهن، سي بہ لطيف جي هن نينهن جي نياپي کي پوريءَ طرح سمجهي ۽ ان تي عمل ڪري سگهن: ۽ ظاهر آهي تہ ’ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز‘ جي هنن ڪوششن، خرچ ۽ سيمينار ڪرائڻ ۽ ثقافتي محفلون هتي درگاه ڀٽ شاه تي ڪرائڻ جو اڪيلو مقصد اهوئي آهي تہ لطيف جي پيغام کي زنده رکڻ جي لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي ۽ انهيءَ پيغام کي فوت ٿيڻ نہ ڏجي.

آءٌ بہ انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي ڀٽائيءَ جي رسالي جي هرهڪ لفظ جي فهرست يعني تہ اهو لفظ رسالي ۾ ڪيترا دفعا ۽ ڪهڙن ڪهڙن بيتن ۾ ڪم آيل آهي: ۽

ٻوءِ انهن سڀني بيتن جي تقابلي مطالعي کان پوءِ انهيءَ لفظ جي معنيٰ، جنهن مان خبر پوندي ته اهو لفظ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ڪهڙي مفهوم ۾ استعمال ڪيو آهي؛ لکي رهيو آهيان. جيتوڻيڪ مونکي اهو معلوم آهي ته منهنجي انهيءَ ٽيهن چاليهن سالن جي محنت جو منهنجي زندگيءَ ۾ ڪوبه قدر ڪونه ڪيو ويندو، ڇو جو اهو مشرق وارن جو پراڻو دستور آهي. پر تنهن هوندي به لطيف جي مٺڙي ٻوليءَ سان پنهنجي محبت جو اظهار انهيءَ نموني ڪري رهيو آهيان. اڄوڪي محفل ۾ آءٌ پنهنجي ڪتاب 'ٻاروچي ٻوليءَ' مان هڪ اهڙي لفظ جو مطالعو ڪجهه اضافي سان پيش ڪريان ٿو، جيڪو اڄوڪي زماني ۾ بلڪل متروڪ ٿي ويو آهي. اهو لفظ آهي "آوَنڱَ". سر سامونديءَ ۾ شاهه صاحب فرمايو آهي ته:

اسان آڏارا، آڏي 'آونگ' چاڙهيا
منهن ڏيئي مون آئيا، سمهان سيارا
ايرن شيڪارا، پَسئو وَرَ پين جا.

پهرين اچو ته لغت جي باري ۾ ڇپيل ڪتابن جو مطالعو ڪري ڏسون، ته سنڌي لغت لکڻ وارن صاحبن انهيءَ لفظ جي ڪهڙي معنيٰ ڏني آهي. هن لفظ جي باري ۾ مرحوم شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ صاحب، "ديڳڙا، ٻرتن، ٿانوَ ۽ ڪُنا" وغيره لکي آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ مرحوم شاهواڻيءَ به ميرزا صاحب واري ساڳي معنيٰ اختيار ڪئي آهي. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند آڏواڻيءَ پنهنجي نامڪمل لغت 'فيروز اللغات' ۾ هن لفظ جي باري ۾ لکيو آهي ته "دريا جي ٻنهي ڪپن تي ٻڌل رسو، جنهن جي مدد سان سياري ۾، دريا ۾ گهٽ پاڻي هئڻ جي حالت ۾ پتڻ تي ننڍي ٻيڙي هلائبي آهي. ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ پنهنجي "جامع اللغات سنڌي" ۾ مٿيون ٻئي معنائون ۽ ٽين معنيٰ "ڪَرَل" به لکي آهي.

هاڻي جي متي ٻڌايل ٻهرين معنيٰ يعني ’ديگڙا، برتن، ٿانو ۽ ڪُنا‘ وغيره جو تجزيو ڪبو ته اها معنيٰ غلط ۽ قياسي ثابت ٿيندي. ڇو جو هڪ ته انهيءَ زماني جي سنڌ ۾ ٽامي، ڪَٽ يا ڪَنجهي جا ٿانوَ صرف اميرن جي گهرن ۾ استعمال ٿيندا هئا. غريب ۽ عام ماڻهو گهڻو ڪري رڌي پڪي ڪرڻ لاءِ ٺڪر جا ٿانوَ ڪم ۾ آڻيندا هئا. هاڻي جي وڻجاري جي زال شاهوڪار هئي ته ان کي اهڙا ٿانوَ گهر ۾ پنهنجا هئڻ گهرجن، پر جي فرض ڪجي ته وڻجاري جي زال غريب هئي، ته پوءِ ان کي ٺڪر جا ٿانوَ ڪنهن ٻئي وٽان اُڌارا وٺڻ جي ڪابہ ضرورت نہ هئي. ڇو جو ان وقت ۾ عام استعمال جون اهڙيون شيون، جيڪي مقامي ڪاريگر ٺاهيندا هئا، سي روڪڙن پئسن سان نہ، پر مٽاسٽا يا اهَت تي ملي سگهنديون هيون. سنڌ ۾ اڄ بہ اهو رواج آهي ته جڏهن ٻاهراڙيءَ جي ڪنڀار جي آوي لهندي آهي، تہ پوءِ هو اهي پڪل ٿانوَ گڏهہ تي ڪڻي وڃي پنهنجن آهتين کي ضرورت آهر مفت ۾ ڏيئي ايندو آهي، ۽ ڪنڀار جي اها ڪار سڄو سال مسلسل پئي هلندي آهي. پوءِ جڏهن سندس آهتين جو فصل لهندو هو، يا واپاري جڏهن واپار ڪري واپس ايندو هو، تڏهن ڪنڀار ۽ ٻين ڪاسبين کي ڏنل سامان جي اجوري ۾ مقرر ٿيل مقدار ۾ اَنُ يا سندس ضرورت جي ٻي ڪا جنس ڏيندو هو. اهڙيءَ طرح رڌ پچاءَ جي ٿانون جو مسئلو ڪو مشڪل مسئلو ڪونہ هو، ۽ جڏهن بہ جنهن آهتيءَ کي ڪنهن ٿانوَ جي ضرورت پوندي هئي تہ هو بروقت ڳوٺ جي ڪنڀار کان اهو ٿانوَ مفت حاصل ڪري سگهندو هو، تنهنڪري غريبي يا مفلسي جي ڪري رڌڻ پچائڻ جا ٿانوَ ڪنهن ٻئي کان اُڌارا وٺڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. انهيءَ معنيٰ ڪرڻ وارن کي اهو اشتباه شايد ”چاڙهئا“ فعل جي استعمال ٿيڻ جي ڪري ٿيو هجي.

ان لفظ جي ٻي معنيٰ، جيڪا اسان ڪئي ويئي آهي تہ

درياءَ جي ٻنهي ڪپن تي آرپار ٻڌل رسو، جنهن جي مدد سان سياري ۾ ٿورو پاڻي هئڻ جي حالت ۾ ٻيڙن جي پيڙي هلائبي آهي. سا ڪجهه قرين قياس پئي لڳي. ڇو جو انهيءَ لفظ سان ملندڙ جُلندڙ هڪڙو لفظ 'وَنَڪَ' اڃا تائين به سنڌي زبان ۾ رائج آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ''ڳئون يا مينهن کي ڏهڻ وقت سندس پوين ٻنهي ٽنگن کي ٻڌڻ لاءِ ڪم ايندڙ رسو''.

اهو ته واضح آهي ته شاهه صاحب 'سر ساموندي' ۾ سنڌ جي جنهن علائقي جي تمدن جو بيان ڪيو آهي، اهو سنڌ جي بلڪل ڏاکڻين حصي يعني شاهبندر، ڪيٽيبندر ۽ ڪاريچاڻ وارو علائقو آهي. جاگرافيدانن کي اها خبر آهي ته هي موجن پريو ٺهراڻ جيڪو اسان وٽان پنهنجي پوري شان ۽ شوڪت سان لنگهي ٿو وڃي، اهو سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪرڻ کان اڳ ۾ مختلف ننڍين ننڍين شاخن ۾ ورهائجي پوءِ ٿو وڃي سمنڊ ۾ پوي. انهن ننڍن ننڍن چاڙهن جي ٻنهي ڪپن تي وسندڙ آباديءَ جو هڪٻئي سان ميل ميلاپ صرف پتڻ جي ئي وسيلي ممڪن آهي. ساوڻ ۾ جڏهن درياءُ پنهنجي قوه جواني ۾ هوندو آهي، ان وقت پتڻ جي ٻيڙي ناڪئي جي مدد کان سواءِ درياءُ پار ڪري ڪانه سگهندي. اهو وقت اُهو آهي، جنهن وقت ۾ ونجارا پنهنجن پنهنجن گهرن ۾ موجود هوندا آهن، ۽ سياري جي سفر تي سنبرڻ کان اڳ ۾، لاڇوبند وٽڻ، مڪريڻ مکڻ ۽ سڙه سبڻ ۾ مشغول هوندا آهن. انهيءَ وقت ۾ پتڻ پار اُڪارڻ جي ذميواري انهن تي هوندي آهي. پر جڏهن 'لڳي اُتر هير، ساموندين سڙهه سنباهيا'، ۽ پوءِ سياري جي موسم ۾ 'اولا ڪٽي اُوءِ، پڳهه ڇوڙي پنڌ ٿيا' ته ان وقت درياءَ ۾ پاڻي گهٽجي ويندو ۽ گهٽيون چاڙهون ته سڪي وينديون آهن، ۽ باقي جن چاڙهن ۾ ٿورو ٿورو پاڻي موجود هوندو آهي، تن انهن جي ٻنهي ڪپن تي ٻه ٻگهيون ڪانيون کوڙي انهن ۾ هڪ ٻگهو رسو ٻڌي ڇڏيندا آهن. ۽ ان رسي جي هيٺان ڪا ننڍڙي ٻونڊي يا هُڙهو ٻڌي ڇڏيندا

آهن. پوءِ جڏهن ڪنهن به ماڻهو کي، چاهي اهو ڊراڙ ڇوڪرو هجي يا زال زائفان، ان کي صرف ائين ڪرڻو پوندو جو انهي هنڊي تي چڙهي، پڻي ڪپ ڏانهن منهن ڪري، ان پڊل رسي کي ڇڪيندو ويندو ته اها ننڍڙي پيڙي بنان ڪنهن به تڪليف جي ۽ نهايت آسانيءَ سان وڃي پڻي ڪپ سان لڳندي. انهن ڪاٺين کي ڪوڙي، انهن ۾ رسو ٻڌي ڇڏڻ واري سڄي ڪم کي هڪ ٺئي نالو ڏنو ويندو آهي ”آونگ چاڙهڻ“.

انهيءَ بحث مان اهو به معلوم ٿي ويو ته شاه صاحب بيت جي ٻهريءَ سٽ ۾ ’چاڙهيا‘ جو جيڪو فعل استعمال ڪيو آهي، اهو پنهنجي جاءِ تي بالڪل صحيح ۽ بيت جي مضمون سان ٺهڪندڙ آهي. انهيءَ دعويٰ جي دليل ۾ بيت جي ٻي سٽ به پيش ڪري سگهجي ٿي، جنهن ۾ شاه صاحب سياري جي موسم جو ذڪر هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: ’منهن ڏيئي مون آئيا سمهان سيارا‘. انهيءَ معنيٰ کي هن ڳالهه مان به تقويت ٿي پهچي ته جديد فارسي زبان ۾ به ’آونگ‘ جو لفظ استعمال ٿيندڙ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي پينڊيولم (Pendulum)، يعني هڪ اهڙي ٽنگيل شيءِ جنهن کي جيڪڏهن لوڏو ڏيئي ڇڏجي، ته اها ٻن مختلف جاين جي وچ ۾ پئي ايندي ۽ ويندي.

جيڪڏهن ڪو به لفظ رسالي ۾ هڪ کان وڌيڪ دفعا استعمال ٿيو آهي، ته پوءِ ان جي معنيٰ ته خود شاه صاحب کان حاصل ڪري سگهجي ٿي. پر جيئن ته هي لفظ شاه جي رسالي ۾ صرف هڪڙو دفعو ڪم آيل آهي، تنهنڪري ان جي معنيٰ جي تعين ڪرڻ ۾ روايتن کان به مدد وٺڻ ضروري ٿيندي. تنهنڪري هن باري ۾ جيڪڏهن ڪا روايت ڪنهن معتبر راوي کان معلوم ٿي هجي ته ان کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ان لفظ جي باري ۾ هڪ دفعو استاد محترم ڊاڪٽر نبي بخش صاحب بلوچ جن سان تبادله خيالات ڪري رهيو هوس، ته پاڻ فرمايائون ته ڪين ڪاري جي سفر ۾ هڪ نهايت پيرسن ميربحر

ڪان معلوم ٿيو تہ ان وقت ۾ مڇيءَ جي ننڍڙين سَڪايل ڪُرڙين کي 'آونگ' چيو ويندو هو، اِن معنيٰ کي بہ غلط قرار ڏيئي نٿو سگهجي. ڇو جو اِن لفظ 'آونگ' جو اطلاق 'آڌارا' سان ڪيو ويو آهي. اهو اڌارڻ وارو مفهوم نظر ۾ رکي جيڪڏهن شاه صاحب جي رسالي جو مطالعو ڪبو، تہ شاهديءَ ۾ سر گهاتوءَ ۾ هڪ بيت اهڙو ئو ملي، جيڪو نہ صرف اِن مطلب جي شاهدي ڏي ٿو، پر انهيءَ بيت جو مطلب ۽ مفهوم بہ بلڪل هن بيت سان ملندڙ جلندڙ آهي. اهو بيت هي آهي:

مون آڌارڻا مڇڙا، الله گهاتو آڻ،
ميان مُڏارن سين، مونکي قادر وجهہ م ڪاڻ،
هٿ مهنجي هاڻ، قدر لڌو جن ري.

تنهنڪري جي 'آونگ' جي معنيٰ 'ننڍي سَڪل مڇي' وٺبي تہ ان لاءِ بہ 'چاڙهيا' وارو فعل صحيح لڳندو. آخر ۾ آءٌ پنهنجي راءِ پيش ڪندي ايترو چوندس، تہ هن بيت جي سياق ۽ سباق تي نظر ڪرڻ سان ۽ لطيف جي شاهدي وٺي ڪان پوءِ اهو يقين ٿي ويو تہ 'آونگ' جي هن بيت ۾ معنيٰ ٿيندي 'ننڍي سَڪل مڇي'. ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ لفظ جي اڳ ۾ بڌايل معنيٰ يعني 'پتڻ وارو رستو' بہ هجي، ڇو جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترا اهڙا ساڳئي هڪڙي ئي اُچار وارا لفظ موجود آهن، جن جون ساڳئي تلفظ هوندي بہ مختلف معنائون آهن.

جناب نجم عباسي

# سر ساموندي جي بيتن جو سنڌي نثر

## داستان پهريون

١

لطيف سائين، (ونجاريءَ کي): ٻيڙيءَ جي پاسي ۾ ٿي ويهه، نه ته ونجارو توکي اڪيلو ڇڏي ٻيڙي هاڪاري هليو ويندو. ۽ پوءِ تون ڳنڀتين ۾ پئي ڳرنديندءَ.

٢

لطيف سائين، (ونجاريءَ کي): ڏکي سڪي ٻه ٻيڙيءَ وٽ ويٺي رهه، متان اٿين نه ٿئي ته ونجارو، جنهن تنهنجي اندر ۾ پيار جي چڻنگ دُکائي آهي، سو توکي هيڪلو ڇڏي ٻيڙي هاڪاري هليو وڃي.

٣

لطيف سائين، (ونجاريءَ کي): جي تون اڳواٽ ٻيڙيءَ وٽ نه ويٺينءَ ۽ خيال ڪيئي ته ٻيڙي هاڪارڻ وقت اچي رسنديس، ته پوءِ تون پهچي ڪونه سگهنديءَ؛ ڇو ته تون ايترو تکو هلي ڪونه سگهنديءَ، ۽ هو تڪڙو تڪڙو ٻيڙي هاڪاري پرڏيهه هليا ويندا. پوءِ تون افسوس جا هٿ مهٽينديءَ ته جن جو گهڻو وقت سمنڊ تي سفر ۾ ٿو گذري، آءٌ انهن سان گڏجي ڇو نه ويس!

٤

لطيف سائين، (ونجاريءَ کي): جيڪڏهن اڇُو اٿئي ته لنگر واري رسيءَ ۾ هٿ وجهي چڙهي اچ، نه ته ٻيڙي اهڙي تيار بيٺي آهي، جو تنهنجي سنيهڻ جي دير نه سهي سگهندي.

٥

لطيف سائين، (وڻجاريءَ کي): انهيءَ کان اڳ جو ناکئا نوڙيون ويڙهي، لنگر ڪٽي، سمنڊ ڏي روانا ٿين، تون ٻيڙيءَ تي وڃي چڙهه.

٦

لطيف سائين: لنگر ڪٽي ٻيڙيون هليون ويون. وڻجارن کان سواءِ بندر ۽ بازاريون ويران ۽ سنسان ٿي لڳيون.

٧

وڻجاري: منهنجو ته سارو ساهه انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ اٽڪيل آهي، انهيءَ ۾ ئي ته منهنجو اهو سهڻو سڄڻ آهي، جنهن جي ڳڻن منهنجو من قابو ڪري ڇڏيو آهي.

٨

وڻجاري: منهنجي وَهِي آهي ۽ سڄڻ سفر تي آسهيو. مون هنجون هاريون، تڏهن به ڪين مڙيو. اي سَکي! هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ته مان ڇا ڪريان؟ وڻجارو ته منهنجا جوانيءَ جا جذبا ۽ امنگ مون ۾ جاڳائي پاڻ ٻيڙي هاڪاري هليو ويو.

٩

وڻجاري: اي سرتيون! پتڻ تي نه اهي ٻيڙيون آهن ۽ نه وڻجارن جي ڳالهائڻ جا اهي آواز. اڄ به وڻجاري پرينءَ جا لڳايل وڻ تازا آهن ۽ وڇوڙي هٿي مونکي اڌمئو ڪري وڌو آهي.

١٠

وڻجاري، (وسوسا): ائين ته نه آهي ته هو مون کان هميشه لاءِ هليو ويو، ڇو ته اهڙن سفرن تي ڪيترا حادثن جو شڪار ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن به ڪين موٽندا آهن. ويلن لاءِ اهڙي قسم جا ويچار ڪري مان غمن ۾ ئي مري ويندس.

١١

وڻجاري، (وسوسا): متان ائين ٿيو هجي جو هو اونهي سمنڊ ۾ هاڪاريندي، وچ سير ۾ ڦاسي پيا هجن ۽ لهرن جو ٻـڪ بڻجي ويا هجن.

٥

لطيف سائين، (وڻجاريءَ کي): انهيءَ ڪان اڳ جو نا ڪٺا نوڙيون ويڙهي، لنگر کڻي، سمنڊ ڏي روانا ٿين، تون ٻيڙيءَ تي وڃي چڙهه.

٦

لطيف سائين: لنگر کڻي ٻيڙيون هليون ويون. وڻجارن ڪان سواءِ بندر ۽ بازاريون ويران ۽ سنسان ٿي لڳيون.

٧

وڻجاري: منهنجو تہ سارو ساهہ انهيءَ ٻيڙيءَ ۾ اٽڪيل آهي، انهيءَ ۾ ئي تہ منهنجو اهو سهڻو سڄڻ آهي، جنهن جي گهڻن منهنجو من قابو ڪري ڇڏيو آهي.

٨

وڻجاري: منهنجي وَهي آهي ۽ سڄڻ سفر تي آسهيو. مون هنجون هاريون، تڏهن بہ ڪين مڙيو. اي سَکي! هاڻي تون ئي ٻڌاءِ تہ مان ڇا ڪريان؟ وڻجارو تہ منهنجا جوانيءَ جا جذبا ۽ امنگ مون ۾ جاڳائي پاڻ ٻيڙي هاڪاري هليو ويو.

٩

وڻجاري: اي سرتيون! پتڻ تي نہ اهي ٻيڙيون آهن ۽ نہ وڻجارن جي ڳالهائڻ جا اهي آواز. اڄ بہ وڻجاري پرينءَ جا لڳايل وڻ تازا آهن ۽ وڇوڙي هٿي مونکي اڌمئو ڪري وڌو آهي.

١٠

وڻجاري، (وسوسا): ائين تہ نہ آهي تہ هو مون ڪان هميشہ لاءِ هليو ويو، ڇو تہ اهڙن سفرن تي ڪيترا حادثن جو شڪار ٿيندا آهن ۽ ڪڏهن بہ ڪين موٽندا آهن. ويلن لاءِ اهڙي قسم جا ويچار ڪري مان غمن ۾ ئي مري وينديس.

١١

وڻجاري، (وسوسا): متان ائين ٿيو هجي جو هو اونهي سمنڊ ۾ هاڪاريندي، وچ سير ۾ ڦاسي پيا هجن ۽ لهرن جو ٻڪ بنجي ويا هجن.

١٢

وڻجاري: امڙ! مونکي ته وهم ٿي پيو آهي ته جي ساموندي اونهي سمنڊ ۾ وڃن ٿا، سي موٽي ماڳ نٿا پهچن، ڇو ته هو تيز لهرن ۾ لڙهيو وڃن.

١٣

وڻجاري: منهنجو ته اهو انديشو هردو ڪنبائي ٿو ڇڏي، ته جي اونهي سمنڊ ۾ وڃن ٿا، سي سلامت واپس نٿا ورن. بس، ساموندي سان پلئه اٽڪائي، ڏکن سان ڏينهن ڏنيجي ويٺي آهيان.

١٤

وڻجاري: جيڪي اڄ ويا آهن، سي خبر ناهي ته مون وٽ وري ڪڏهن ايندا؟ حالي ته ٻئي پار، پرينءَ جي ٻيڙيءَ جي جهنڊي پئي جهولندي هوندي. امڙ! انهن ساموندين سندو غم ڪڏهن مون کي نهوڙي نيندو.

١٥

وڻجاري، (دعا): اي منهنجا خدا! تون سڀني واءُ وار، جيئن وڻجارا، جن پٽڻن تان آسهيا هئا، تن پٽڻن تي وري سک ۽ سلامتيءَ سان اچي پهچن.

١٦

وڻجاري: وڻجارن کي ياد ڪري آءٌ پتڻ تي پئي ڏينهن گذاريان. انهن جي جهوريءَ مونکي جهوري ڇڏيو آهي.

١٧

وڻجاري: امڙ! منهنجي جيءَ ۽ جان ۾ ته رڳو وڻجاري جي پچار آهي. هن پرڏيهه وڃي ڏاڍا ڏينهن لاتا آهن.

١٨

وڻجاري: ساموندين سان پلئه اٽڪائڻ ۾ غم گڏيل آهن. مون ۾ برهه جي باهه ٻاري، مون کي جاڳيل جذبن جي ٽانڊن تي ڇڏي، وڻجارو پاڻ ٻيڙي هاڪاري هليو ويو.

١٩

وڻجاري، (خيال ۾، وڻجاري کي): شل اهڙو واپار تو ڪانه وسري

ڪي تانگهه آهي ۽ جي سفر تي هليا ويا آهن، سي ڪڏهن ايندا؟ هو ضرور ڪنهن ضروري ڪم جي ڪري پرڏيهه ۾ ٽڪي پيا آهن.

٢٦

وڻجاري: اي ڪانگ! ٻڌاءِ تہ منهنجو پرين مون وٽ ڪڏهن ايندو؟ مون تہ هن کي موٽائڻ لاءِ گهڻيئي حيلا بهانا ڪيا آهن.

٢٧

وڻجاري: سَرَ نسريا آهن ۽ اتر جو واءُ شروع ٿي ويو آهي، هاڻي تہ مهنجا پرين تون موٽي اچ! مون تنهنجي واپسيءَ واسطي سوين باسون باسيون آهن.

٢٨

وڻجاري: سَرَ، لوهيڙا ۽ ڪانهن جا ٻوٽا ٻوڪيا آهن ۽ ڳوٺن ۾ گل ڪڍيا اٿن، پر منهنجا سڄڻ! سُڌ ناهي تہ تو اجا موٽڻ جي ڇو نہ واٽ واري؟

٢٩

وڻجاري: سکي! جي منهنجو پرين اچي وڃي تہ آءٌ جيڪر هن جي سيني سان لڳي راتين جون راتيون سِڪ ۽ پيار جون رهاڻيون ڪندي رهان.

٣٠

وڻجاري: سکي! منهنجو ڍولڻ اچي تہ آءٌ هن سان جهيڙو ڪنديس تہ تون مون وٽ ٿورو وقت گذارين ٿو، ۽ مون کان پري پرڏيهه ۾ وڌيڪ وقت رهين ٿو.

٣١

وڻجاري: منهنجو دلدار مون وٽ ڪونهي، ان ڪري اڪيلو سمجهڻ ڪري وڌيڪ سيءُ ٿي محسوس ڪريان. اي امڙ! منهنجا سُتا سور نہ جاڳاءِ، نہ تہ منهنجي روج راڙي ڪري، پاڙي وارن کي بہ منهنجي درد جي بہ خبر پئجي ويندي.

٣٢

وڻجاري: پيڙيءَ مان سامان لاهيندي ٿي وڻجارا واپس ورڻ جون

ڳالهيون ڪن ٿا. اهي ٻڌي منهنجي جند جان غمن ۾ غرق ٿي وڃي ٿي.

٣٣

وڻجاري: اي سهيليون! پرين جي پچار ڪري، منهنجي تن کي تسلي ڏيو، ان ۾ ئي منهنجو جياپو آهي. منهنجو هينيون جو وڇوڙي ڪري، ڪوٽ جي ڪنگرن وانگر ڊهي پيو آهي، تنهن کي آٿت ڏيئي، سُڌير ڪريو.

٣٤

وڻجاري: اي منهنجي دلڙي! تون وڃ ۽ وڃي پرينءَ جي جاءِ ڳولي لهه ۽ انهن جي چائنٽ چم.

٣٥

وڻجاري: آءٌ جن جي آسري ۾ پتڻ تي پيئي گذاريان، سي شال ٻونڪي وساري هاڪاري هليا نه وڃن.

٣٦

وڻجاري: اي ملاحو! ڪالهه توهان منهنجي سڄڻ کي ته هتان ڪونه اُڪاريو هو؟ هن جا ڀار پتا هي آهن ته هن جي چيلهه سنهي، نڪ سنئون ۽ اکين ۾ سرمون پيل هو.

٣٧

وڻجاري: هي منهنجو اهو سڄڻ آهي، جنهن ڏي مون سيڪ ۽ سنيهه مان نهاريو هو. جيئن ئي هو ايندو منهنجا سڀ غم ۽ ڏک لهي ويندا.

٣٨

وڻجاري: سوداگرن جون جهنڊيون ڇمڪيون ۽ ڦڙڪيون. آئي امڙ! وڻجارا ڏهي نڪي، هار سينگار ڪري اچي پهتا آهن. ڪالهه ڪان ڪانوَن پڻ انهن جي پچار پئي ڪئي.

## داستان پيو

١

وڻجاري: اڄ به وڻجارا وڃڻ جون پچارون پيا ڪن. هنن کي ته انئي پهر سفر تي اسهڻ جو اونو آهي.

٢

ونجاري: اڄ ٻن ونجارن وڃڻ جون پچارون پئي ڪيون. پوءِ منھنجي ٻيٺي ٻيٺي ھو پتڻ تان روانا ٿي ويا. اي سرتيون! ھنن جي وڇوڙي جو سور مون کي نھوڙي نيندو.

٣

ونجاري: اڄ بہ ونجارا وڃڻ جون پچارون پيا ڪن. ھنن سفر جو پھہ پچايو آھي ۽ منھنجي روئڻ تي بہ نٿا مڙن. ھاڻي تہ ھنن لنگر کڻي ٻيڙي سمنڊ ۾ ھاڪاري آھي، سو اي منھنجي سکي! مان ھنن کي ڪيئن روڪي سگھنديس.

٤

ونجاري: جن کي مان پنھنجي دل جي پٽيءَ تان ميساري نٿي سگھان، جيڪي منھنجي جيءَ سان جڪڙيل آھن، تن کان آءٌ شل وسري نہ وڃان.

٥

ونجاري: جيڪي ھردم منھنجي دل ۾ موجود آھن ۽ جن کي مون پنھنجو من ارپي ڇڏيو، تن کي شل مان ياد رھان.

٦

ونجاري: پتڻ تي ڳالھيون پيون ٻڌجن تہ سوداگر واپس اچڻ وارا آھن. امڙ! منھنجي لاءِ تہ ونجارن جي اھڙين خبرن ۾ ئي جياپو آھي.

٧

ونجاري: سکي! ساموندي لنگر کڻي سفر تي اُسھيا. ھنن جي منزل ڏاڍي اڻانگي آھي. پتو نہ آھي تہ وري اھي مُھاندا ڪڏھن ڏسنديس؟

٨

ونجاري: اتر جي ھوا لڳڻ سان ناکئن سڙھہ تيار ڪيا ۽ لنگر کڻي سک سان ساگر ۾ روانا ٿيا آھن. ھاڻي آءٌ انھن سمنڊ جي مسافرن جي اُڪير ۽ اوسيڙي ۾ ويٺي رھنديس.

٩

وڻجاري: اتر لڳڻ سان آسهيا ۽ بهار ۾ موٽي ايندا. آءٌ وڻجارن جي واپار ڪي ٻن وجهان. جن جي اڱڻ ۾ پرين ٿا اچن، تن لاءِ چڱي بهار ٿيو وڃي.

١٠

وڻجاري: سرتيون! جيئن ٿي پرينءَ منهنجي پڌر ۾ پير پاتو، تہ مون لاءِ چڱي سک جو ساگر وري آيو. آءٌ هن تان قيمتيءَ ۾ قيمتي شيءِ قربان ڪري ڏيئي ڇڏيان.

١١

وڻجاري: اتر لڳڻ جي مند آئي تہ منهنجي ڳڻتي وڌڻ لڳي. نوڙيون وٽيون ٽي ويون ۽ ٻيڙين ڪي تيل جا مَـڪَـ پئي ڏنا ويا، يعني سفر جون تياريون پئي ٿيون.

١٢

وڻجاري: آءٌ پنهنجي پرينءَ جي واٽ ويٺي نهاريان. پري ڪان لڏندڙ رسا ۽ ڪليل سڙهہ ڏسي اميد پئي جاڳي.

١٣

وڻجاري: سڙهہ سجاڻي چيم ”اما، سامونڊي اچي ويا، شل منهنجو جاني ان جهاز ۾ هجي“.

١٤

لطيف سائين: ناڪئن پتڻ تي ويهي سڙهہ سبي پختا ڪري، سکان ڪنيا. جڏهن ٻيڙي سمنڊ ۾ اڳيرو هلي تہ جهنڊيون ڪولي ڇڏيائون، جيڪي هوا ۾ ڦڙ ڦڙ ڪرڻ لڳيون ۽ هو سلامتيءَ سان لهرون لنگهي پار پيا.

١٥

لطيف سائين: جن پتڻ تي سڙهہ ٿي سبيائون، اتي سونهن ڪان سمنڊ جون سموريون خبرون چارون پڇي، ناڪئن خراب تڙن ڪان پاسو ڪري وڃي سڻا تڙ ڏوري لڌا.

١٦

لطيف سائين: وڻجارا پرڏيهہ ۾ جدا جدا بندرن تي واپار ڪن

ٿا. ڪتي هنن کي پنهنجي سودي جو من گهريو ملهه ڪونہ
ٿو ملي، ڪتي تہ وري معمولي وڻس وارا ماڻهو هنن جو مال
وٺڻ ۽ بنا تورڻ جي ئي پيسا ڏيو ڇڏين.

١٧

ونجاري: پتڻ تان پئي پڇان تہ توهان کي وات تي ڪي پيڙيون
ڳڏيون؟ مون کي ونجاري جي بيحد سڪ آهي، شل سڳهو
ئي موٽي اچي.

١٨

لطيف سائين: واپارين جون زالون سمنڊ کي پيون پوڄين. هو
مشڪ ۽ عطر پيٽا طور ان ۾ اڇلي رهيون آهن.

١٩

ونجاري: جنهن ڪارڻ مون سمنڊ جي پوڄا ڪئي، باس پاسي
۽ مشڪ عطر جي پيٽا ڏني، سو ونجارو واپس آيو ۽ منهنجي
مراد پُني.

٢٠

ونجاري: بري ڪان سمنڊ تي جهنڊيون پيون ڦڙڪن، پر اڃا
سڙهه نظر ڪونہ آيا آهن. نيٺ جهاز پهچي ويا. جن جا سپرين
اچي سنڙيا سي مُرڪن پيون.

٢١

ونجاري: سڪان تي جهنڊيون آهن، جن ۾ ڪلنگيون لڳل آهن.
امڙ! سامونڊي سمنڊ جو سير سفر ڪري هاڻي خير سان واپس
وريا آهن.

٢٢

ونجاري: مون چوواٽن تي ۽ پاڻيءَ ۾ اٽي جا ڏيا ٻاري، ۽ وڻن
۾ ڳاڙهيون اڳڙيون ٻڌي دعائون پنيون تہ "آءُ اوسيڙي ۾
ويٺي آهيان منهنجو پرين واپس اچي!"

٢٣

ونجاري: جيڪا پاڻيءَ ۾ اڪا وجهي ۽ ڏيا ٻاري ٻاڏائي ٿي،
تنهن کي پرينءَ جي سڌ ڪرڻ نہ کپي.

## داستان ڏهون

١

وڻجاري: پتڻ پري آهي. آءٌ به وک وڌايان ته وقت اندر وڃي اتي پهچان. پر مون کي ته هڙ ۾ پيسو پائي ڪونهي جو ٻاڙو ڏئي ٻيڙيءَ چڙهان. ان ڪري آءٌ ملاح کي منٿ ڪنديس ته ڪنهن به نموني مون کي پنهنجي سڄڻ وٽ پهچائي.

٢

لطيف سائين: هن جو کيسو خالي هو ۽ مفت ۾ ڪنهن نه چاڙهيس. ان ڪري سارو ڏينهن ڪناري تي پتڻ وٽ اوسيڙي ۽ اميد ۾ پٽڪندي رهي. اتفاق اهڙو ٿيو جو، منهن اونداهيءَ جو وڻجاري جي ٻيڙي پتڻ تي اچي پهتي.

٣

وڻجاري: ڪاڏي ٻيتي جي تنگي آهي ۽ سياري ۾ اڪيلو سمهڻ ڪري سيءُ ڏنگ هڻي ٿو. پنهنجي سهيلين کي، پنهنجي مڙس جي سنگت ۾ ڏسي مون کان ٿڌا شوڪارا نڪريو وڃن.

٤

وڻجاري: مون کي پتڻ تي سامهون بيٺل ڏسي به پرينءَ ٻيڙي هاڪاري. ضرور ڪا مون ۾ ڪوتاهي هئي، جو پرينءَ منهنجي پرواهه نه ڪئي ۽ ساڻ وٺي نه ويو، نه ته منهنجو سڄڻ ڏاڍو مهربان سڀاءَ وارو آهي.

٥

وڻجاري: منهنجي ٻيڙي ٿي هن ٻيڙي سنمبد طرف وڌائي. شايد مون ۾ ڪو ظاهر ظهور عيب آهي، نه ته مون وارو سڄڻ اهڙي وڻندڙ سڀاءَ جو آهي، سو ائين ڪين ڪري ها.

٦

وڻجاري: مون کي ڪناري تي بيٺل ڏسي به هن ٻيڙي هاڪاري. ضرور ڪا مون ۾ اوڻائي آهي، نه ته منهنجو نرم دل سڄڻ اهڙو بي محابو ڪونه ٿئي ها.

٧

وڻجاري: منهنجي ڀيڻي ٿي وڻجاري الله تـوهار ڪري ٻيڙي هاڪاري. هاڻي آءٌ هر گهڙيءَ هن جي خيريت جي دعا گهرندي رهيس، ۽ هن جي موٽ واپس اچڻ جي ڪڏهن به اميد ڪونه لاهيندس.

٨

وڻجاري: سکي! سامونڊين کي پار وڃڻ جي سنبت آهي، ۽ هنن سنجهي کان ئي ان سفر لاءِ سوچڻ شروع ڪيو آهي.

٩

لطيف سائين: سمنڊ لتاڙي هاڏي هـو درياءَ ۾ گهڙيا آهن. هي وڏا واپاري آهن. هو لنڪا ويـا هئا. اتـي هنن سون جو واپار نه ڪيو، ڇو ته ان ۾ ايترو نفعو ڪونهي. اتي هنن موتين جو واپار ڪيو ۽ گهڻو ئي ڪتي ڪمائي آيا.

١٠

لطيف سائين: وڻجارن لنڪا ۾ واپار مان ايترو ڪمايو آهي، جو واپس اچڻ تي هو پنهنجي ديس ۾ سک سان ويهي نٿا سگهن ۽ وري سگهو ئي لنڪا ڏي واپار سانگي وڃڻ لاءِ آتا آهن.

هنن پرهه ڦٽيءَ جو لنگر کنيا آهن، پر سمنڊ ۾ تيزي ۽ ڪارونڀار آهي، ۽ اهڙيءَ حالت ۾ قسمت وارا ئي سلامتيءَ سان سفر ڪري پار پهچندا آهن.

١١

وڻجاري: وڻجارن پنيرڪي جو ئي ٻيڙيون هاڪاريون. انهن کي ڏسي منهنجو هينيون ڇڄي پيو. امڙ! آءٌ انهن سامونڊين کان سواءِ جيي ڪونه سگهنديس.

١٢

لطيف سائين: سامونڊين پرهه ڦٽيءَ جو ئي سمنڊ جي سفر جي تياري ڪئي ۽ ٻيڙيون هاڪاري هليا ويا.

١٣

وڻجاري (سس کي): امڙ! تون وڻجاري کي وڃڻ کان ڇو نه

ٿي روڪين؟ ٻارهن مهنن کان پوءِ مس مس آيو آهي، ته وري
تو سفر آسهڻ جي سنبت ڪري.

١٤

وڻجاري: واپاريءَ سان شادي ڪرڻ کان بهتر هو، ته آءٌ شادي
نه ڪريان ها. ڏسو ته ڪيڏي نه عذاب جي ڳالهه آهي، ته اڃا
اتر جو واءُ مس لڳي ۽ سردي شروع ٿئي، تـه هي سڄڻ مون
کي اڪيلو ڇڏي سفر تي وڃڻ جون تياريون پيو ڪري.

١٥

وڻجاري (واپاريءَ کي): تو جهڙي واپاريءَ سان ته مون کي
ڪنهن به صورت ۾ لائون لهڻ نه ڪپنديون هيون. تون ته اهڙو
ماڻهو آهين، جنهن کی اٺ ئي پهر پـرڏيهه وڃڻ جي لـوري
لـڳل آهي.

١٦

وڻجاري: سڙهه کولي، سامونڊي پرڏيهه هليا، ۽ ڇانئي واٺي منهنجو
جسم آجايل ڇڏي ويا.

١٧

لطيف سائين: ڏياريءَ جو ڏينهن ٿيو ۽ سامونڊين ٻيڙين جا سڙهه
کوليا. وڻجاري ونجهه کي پاڪر وجهو ويٺي روئي ۽ ليلائي.
اي وڻجاري! مونکي ته نظر اچي ٿو، ته توکي وڻجاري
جو غم نهوڙي نيندو.

١٨

لطيف سائين: ڏياري آئي . سامونڊين سڙهه کوليا. وڻجاريءَ لاءِ
اتر لڳڻ جي مند ڇڻ اوچتی اچي پرگهٽ ٿي، ۽ وڻجارا پرئين
پار وڃڻ جون پچارون ڪرڻ لڳا.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سر سامونڊيءَ جو متن

'شاهه جي رسالي' جي معياري متن کي مرتب ڪرڻ تي تحقيق هلندڙ آهي، ۽ 'سر سامونڊي جو متن'، انهيءَ تحقيق جي روشنيءَ ۾، مثال طور هڪ مسودي جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي، جنهن تي آخري طور نظرثاني ٿيڻي آهي.

هن کان اڳ علمي ۾ معياري متن جي سلسلي ۾ مثال طور 'سر ڪنڀات' ڏنو ويو هو، جنهن ۾ سمجهاڻي طور تفصيلي مهاڳ ۽ آخر ۾ مختلف پڙهڻيون پڻ ڏنيون ويون هيون*.

'سر سامونڊي' بابت تحقيق ۽ ترتيب پڻ ساڳين اصولن تي ٻڌل آهي، جيڪي 'سر ڪنڀات' جي سلسلي ۾ بيان ڪيا ويا هئا.

رسالي جي مختلف قلمي ۽ ڇاپي نسخن جي مطالعي مان اها حقيقت واضح ٿئي ٿي ته 'سر سريراڳ' ۽ 'سر سامونڊي' ۾ ساڳئي مضمون وارا بيت گڏيل آهن. هن متن ۾ ڪافي غور ويچار کان پوءِ سر سامونڊي جي داستانن کي سندن مستقل مضمونن مطابق بيهاريو ويو آهي. 'سر سريراڳ' ۾ آيل اهي بيت، جيڪي 'سر سامونڊي' جي مضمونن سان تعلق رکن ٿا، تن کي سر سامونڊي هيٺ رکيو ويو آهي. مثلاً 'سر سريراڳ' جو هڪ داستان هيٺين بيتن سان شروع ٿئي ٿو ته:

"ڪوهه ڪاهه ڪٺي، وڏائون اتر آسري"- الخ

مگر مضمون جي لحاظ سان هن بيت جو تعلق 'سر سامونڊي' سان آهي.

---

* ڏسو 'سر ڪنڀات جو مطالعو'، مطبوعه 'ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز'، ۱۹۷۳ع ص ص ۱۰۹-۱۶۲-

سر سامونڊي جو تعلق سامونڊي واپارين ۽ وڻجارن سان آهي، جنهن هيٺ پيا هيٺيان مضمون سمايل آهن:

* وڻجاري جي گهرواريءَ جي بيحالي: ور ڪان سندس وڇوڙو ۽ ور لاءِ سندس سڪ.
* آتر منڊ جو اچڻ ۽ وڻجارن جي ولايت وڃڻ لاءِ سنبت.
* وڻجاري جي پرڏيهه روانگي، سمنڊ جو سفر ۽ سختيون؛ سندن واسطي وريتين جا ورلاپ.
* ولايت مان وڻج ڪري، وڻجارن جو وطن ورڻ.

انهن مکيه مضمونن مطابق سر سامونڊي کي ڇهن داستانن ۾ مرتب ڪيو ويو آهي. متن جي آخر ۾ ضميمي طور اهي بيت ناڏ ويا آهن، جيڪي غور طلب آهن.

# سر سامونڊي

## داستان پهريون

[ ١ ]

پَـگِـهَ پاسي گهار، آيل سامونڊين جي
وِجهي جي جنجار، جيءَ وڃني اوهري.

[ ٢ ]

پَـگِهَ پاسي پَچِ، آيل! سامونڊين جي
مَنَ ۾ ڀاري مَچِ، جيءَ وڃني اوهري.

[ ٣ ]

پَـگِهَ پاسي ويهه، آيل! سامونڊين جي
ٿون ويسري وِڪ ڪَئي، هُو پوريندءَ
پَرڏيهه
سمنڊ ر جن ساٺيهه، ڪوهُ نه وِيئين ءَ تن سين.

[ ٤ ]

اِينڊين تان آءُ، هَٿي هَتُ پَـگِهَ ۾
لَـڳي واءُ سُواءُ، سيڙهه سانباهي نه سَهي.

[ ٥ ]

وانءُ وَڃي وانئُن، هينئڙا ماڳ پيري جو
چِميئو چَمُ چانئُن، هُوءَ جا سنڌي سَتجَهين.

[ ٦ ]

وانءُ وَهائي نيڪري، نَنگرِ جان نه ڪَٺن
مَچُو ڏيهه وَڃن، ناريون پوري ناڪئا.

[ ٧ ]

ٽنگر ناتاريون، ٻنگه ڪٽي ٻنڌر ٽيئا
بندر بازاريون، سڄان سامونڊين ري.

[ ٨ ]

ٽنگر ڏو نهٽيون، مَن اوليي نہ اوهري
سپاجهين سهٽين، پائي گنڍ ٻنگهيو هنيون.

[ ٩ ]

سهٽي جوين ڏينهن، سڄڻ سفر هليا
روئان رهن نہ سپرين، آيل ڪريان ڪيٽن
مونکي چاڙهي چيٽن، وڏو وڻجارو اوهري.

[ ١٠ ]

نہ سهي تنهن خوراڪ، نہ وايون وڻجارن جيون
سرتيون سامونڊين جا، آڄ پڻ چڪيم چاڪ
مارينهون فراق، پاڙيچيون! پرين جا.

[ ١١ ]

آونهين م اوهري، جڏهن جي وڻيا
ساندار سمونڊ جي، نيهوڙي نيئا
وچي تيت پيئا، جيت نهايت ناهه ڪا.

[ ١٢ ]

آونيهين م اوهري، جڏهن وڻا جي
موٽي ماڳ نہ آئيا، ماءُ! سامونڊي سي
ڪارو تني ڪي، جهڪس ونه وري وڏو.

[ ١٣ ]

جي آونيهين وڻا اوهري، الله سي واري
آن آن اماري، تڙ ٻوچاري آهيان.

[١٤]

اوڙاهہ وڙنا نہ ورڙنا، آءٌ تنھن ماري وڃ
ڪري سامونڊي سڀ، جنسي جار ڀرائيو.

[١٥]

جي اوھر ٿم آج، سي ڪنڌھن ايندا مان ڪري
پريان جي ھن پار ڏي، وڃي ڏنڪي ڏج
سامونڊيڪو ڏنج، ماءِ! مارينديم ڪنڌھين.

[١٦]

اھڙنا جيڏائين، ڏڪن تن تڙائيھين
سامونڊين سائين! واءُ سڳائو واريھين.

[١٧]

سامونڊري ساري، مٿي تڙ گذاريان
مونکي ٿي ساري، انين سنڌي ڳالھڙي.

[١٨]

سامونڊري ساري، ماءِ، منھنجو جنڊڙو
بندر وڻجاري، وڃي لايا ڏينھڙا.

[١٩]

سامونڊري ساري، ماءُ منھنجو جنڊڙو
ڪارڻ وڻجاري، گھڻو اڪنڊي آھيان.

[٢٠]

سامونڊين سڄيو، سڏائين سفر جو
ڪو ڏينھن چيتايو، اونهي وڃن اوھرنا.

[٢١]

سامونڊين سڄيو، انٿي پھر عميق جو
تن لالن لنگھايو، سانڌارو سمونڊ جو.

[٢٢]

سامونڊين جهي سوڙ، ڪيم جي جڏار ڏون
پوڻ ڏينھاڙي پوڙ، وڙهہ جا وجود م.

[٢٣]

جهڙي وڏا پيھ رين پور، آهيان گهوري آن جي
سامونڊي ڪو سور، ماءِ! ماريندم ڪنڌ هين.

[٢٤]

سامونڊي ڪو سنگ، آهي ڪوندر گاڏئون
آنگهن چاڙهي اڱڻ، وڏو وڻجارو اوهري.

[٢٥]

نيهڙ نيڻ سندوم، جئن مون آيهي هن تهليئو
سڄيو سامونڊين سين، آکيهن تان نه ڪيئوم
وجهي منجهه هئوم، پاڻ وراڪي رس سين.

[٢٦]

نيهڙ نيڻ سندوم، مون جهليندي نه رهيا
قادر شال ڪندوم، ويجهي وڻجارن سين.

[٢٧]

ٻيڙي جي پونئن، نيڻ نه ڪجهي آن سين
آيا ڏنبي ڏسن، جنھ سڙهه ڏيئي سيڙ تيئا.

[٢٨]

هنيڙو ٻيڙي جان، ڏتڙ پئي ڏيندي ٿئا
پڇيئو تان نه پريان، ڪر لاهو ٿئي ڪنڌ هين.

[٢٩]

مونکي جيارئو، پرين جي ڪا ڳالهه ڪري
ڏنو آڄ آڏيو، هنيڙو ڪوٽ برج جيئن.

[٣٠]

لاهيان جهڙي نه چيتاءِ، الله! آن م وسران
مڙهئو منجهاراءِ، جي منهنجو جن مان.

[٣١]

چيتان جهڙي نه چرن، الله! آن م وسران
مون من آهي تن، مڙهئو منجهارا هنئين.

وائي — ١

تنهنجي نيهاريان تي، مهنجا ٻنڌر وڻڙا جي
مان سڙهه سڄاڻان سڄڻين

١. اُيي اوسه پائيان، ڪارڻ وڻجاري
٢. گهڻو اُڪنڊي آهيان، پيري پنهنجي ڪي
٣. وڻ تن بدي وانڌيون، جر تڙ ڏيا ڏي
٤. ڪستوري سمنڊ ڪي، آڻيو آڪا ڏي
٥. آسائيتي آهيان، اللهه ڪانڌ آڇي

وائي — ٢

آيل! ڪريان ڪيئن، جيجل! ڪريان ڪيئن،
مهنجو نيهن پليئو نه رهي

١. ساموندي جي سنگ ڪي، روئان راتو ڏينهن
٢. مادر! پائي منڊيون، وڃان ساجن سيئن
٣. وڏو وڻجارو اوهري، مونکي چاڙهي چيئن
٤. گونڌر متان جينڌڙي، وڙڏا ولين جيئن
٥. اڏوهي جيئن ڏکڙا، چڙهيا چوتي سيئن

## داستان پهو

[ ١ ]

اڏي اتر منڊ، هينئين اڏڪو نه لهي
وتين لاچو ٻنڌ، ٻيهر مڪين ٻيڙيون.

[ ٢ ]

وڻجاري ڪانڌاء، سون ور وينهي گهار ڏو
لڳي اتر واء، ڊوليو هلڻ جون ڪري،

[ ٣ ]

جانِ وڻجارو ڪانڌُ، تان مون هنڌِ لائون
لڏيون
پرڏيهه متي سانگ، آئي پهر آنِ جو.

[ ٤ ]

پرڏيه پوريائون، سامونڊين سڙهه سنباهيا
مان تن ماريائون، پاڻان وِجهي گونڊرين.

[ ٥ ]

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهه سنباهيا
وِجهيئو وَرُ ونجهه کي، روئي وڻجاري
مارينڊمِ ماري، پيرهه سور پرينِ جا.

[ ٦ ]

ٿيا ڏياري ڏينهن، سامونڊينِ سفر جي
مون سِرِ آنا جهيڙيون! سندا محبت مينهن
ڪيمسِ نيمائي نينهن، ڪاري ڪپڙائنِ جي.

[ ٧ ]

ڏني ڏياري، سامونڊين سڙهه سنباهيا
آنِ کي منڌ اتر جي، اوچتي آئي
وڻجارنِ واٺي، آهي پريين پار جي.

[ ٨ ]

ٿي ڏياري ڏيهنِ، ديوئو هلڻ جي ڪري
مڪئو پنهنجي مڪري، ڇپئي ڇگي
ڇيٽِ
رئان رهن نه سپرين، جان ڪين جهليان
بيٺِ
مون سهين ڪري ميٺِ، سڄڻ سفر هليا.

[ ٩ ]

ڏِنِي ڏِيارِي، سَچَڻَ سَفَرِ هَلِيئا
پايو پانڌ ڳِچِيَ ۾، زورِ ڪَريان زارِي
ڪانَ هَٿِي ڪارِي، وِئو وَڻجارو اوهِرِي.

[ ١٠ ]

مون آيِي تَڙَ وَٽِ، پِرين پَڳَهَ ڇوڙِئا
ڪا مُونِهين ۾ گهَٽِ، نا تَه سَچَڻَ سَپاجها گهڻو.

[ ١١ ]

مُون آيِي تَڙَ هيٺِ، پِرين پَڳَهَ ڇوڙِئا
ڪا مُونِهين ۾ ڏِيٺِ، نا تَه سَچَڻَ سَپاجها گهڻو.

[ ١٢ ]

مُون آيِي تَڙَ جهَلّ، پِرين پَڳَهَ ڇوڙِئا
ڪا مُونِهين ۾ آلّ، نا تَه سَچَڻَ سَپاجها گهڻو.

[ ١٣ ]

مون آيِي تَڙَ پاسِ، پِرين پَڳَهَ ڇوڙِئا
هو اَللهَ هارَ اَهَرِئا، آءٌ دَمِ دَمِ دُعا ڪَندِياسِ
آهَ نَه لاهيندِياسِ، موتِي اِيندا مان ڳَرِي.

[ ١٤ ]

ڳيريو جهَلِئو روءِ، مَٿِي مُهِري هَتَڙا
ڪُوءِ سؤدو سَندوءِ، جو تون ڍولَئا سِکِئو.

[ ١٥ ]

ڳيرِيي جهَلِئو روءِ، وِٺِيي وَنِي وَنجهَه
گهورِي ڳَڏِي ڳُونڊَرِين، هَڏِ نه وِسائِي
هَنجهَه

ڀَٽِي ڀيڙِي مَنجهَه، آڪِيُون تَنهِ آتِيمَ جُون.

[ ١٦ ]

وَرَ وِڏائِين وَنجهَه ڪي، اَلِيڙَڻَ نه ڏِي

رَهُ اڄوڪيءُ راتيڙي، لالَڻَ ! مُون لائي
وَڄُ مَ ڦوڙائي، ايڏي سَفَرِ سُپيرين ! 
[١٧]
جَنِ لَئہ جهجَنِ نيهُنَ، تَنِي پَرَڏيهہ پُورئو
ڪاري ڪيڙائُنِ ري ڪارا ڏيئَرِ ڪيهُنَ
وِرُ ڏَ ڏيئڙَمِ ويهُنَ، سَرتيون ساموندرين جا.
[١٨]
جَنِ لَئہ نيهُنَ جهجَنِ، سي آءُ ڪيتِ نهاريان
آيلِ! سارِيو اَنِ ڪي، اُڇنگارُون آڇَنِ
تَنِ ڪاري ڪيڙائُنِ، واحدَ واري آڏيهينُ.
[١٩]
ڪارو جي ڪيڙينَ، سيئي منهنجا سُپيرينَ
رُئانَ رَهَنِ نہ لِڪَ سينَ، جهَليان جهَلُ نہ ڏينِ
وِرَهَ وِيَدَ ڪَريُنِ، آيَلِ! ساموندريَنِ جا.
[٢٠]
[آيل!] ساموندرينِ جي، آءُ سُورَنِ سِڄهائِيَ
جيڏيُون جُدائِيَ، سَهان نہ سُپيرينِ جي.
[٢١]
تَنِ جَنِيَ جِيَ تانگَ، سي سَجَڻَ سَفَرِ هَليا
لَئِجُ لاتِ، لطيفُ چئي، ڪَڏهِنَ ايندَمِ، ڪانگ!
ڪَنهِ سَتائي سانگَ، پيرينَ پَرِ ڏيهِيَ ڪيا.
[٢٢]
تانُ ڪينَ لَئِجُ ڪانگ! ڪَڏهِنَ اِيندا مانَ گَهَري
سيڻَنِ ڪارڻِ سانگَ، مون تانَ گهڻيئِيَ ڪيا.

[٢٣]

جهڪر آچي هاڻ، ته ڪريان روح رچنديون^
آيل، ڏولهي ساڻ، هند ڪر لنگهي ڳالهيون
ڪريان.

[٢٤]

جي آچي ته جهيڙيان، آيل! ڏولهي سان^
لائيندين^ ڏينهن گهڻان، مون سين ڪيئين^ تورڙا.

[٢٥]

سر، لوهيڙا ڳيئا، ڪسر نيسرئا
تو ڪيئن ورڻا، ڏولئا! ڏينهن اچڻ جا.

[٢٦]

سر نيسرئا پاڌر، اتر لنگها، آءٌ پيرين^!
مون تو ڪارڻ ڪاند! سهسين سڪائيون^
ڪيون^.

[٢٧]

آسان اڌارا، آٿي اونڪٽ چاڙهئا
منهن ڏيئي مون^ آئيا، سمهان^ سيارا
اپرن سيڪارا، پسيو ور پيئن جا.

[٢٨]

لڪ سنهين، نڪ سئين، ڪجل پنا نيڻ
سامونڊي^ مون سيڻ، ڪي تو ڪالهه لنگهائيا.

[٢٩]

هي سڄڻ سهئي، جي مون ڪوڙ نهارئا
ايندم جان^ پيهي^، تان^ سڀ لاهيندم ڏکڙا.

وائي - ١

آئين^ مونکي زور نه جهاڳو واري، جيڏيون وو!
آءٌ هلندي هوت ڏي، هاءِ هاءِ!

اونهين^ وڏا اوهري، تراز ون^ تاري
مري رهنديس، ماڪهين، ساوندي ساري
سور تنهنجو سپرين! مون مَعذور ڪي ماري
هاڻ نه جيان جهنڊيون، آءٌ جا ڪنيس ڪوهياري

وائي — ٢

وينديُ آءٌ هوتن وٽ، مون^ وَهُ وڻجارن سين.
پکڙه ڪڙهِ مَ پاتيي^! جاني! مون لاءِ جَٽ
وايون^ وڻجارن جون، اديون! اڄ نه هَٽ
ڪٿي سيڙهه سيڙ ٿئا، پير نه لايئون پٽ
پورينديس پيرين ڏي، ڪانه ڪرينديس گهٽ
ڪرَهيان^ سور سفر جو، هلي پنهنجي هَٽ
ساري ساوندين ڪي، گهٽي پيئم گهٽ
آيل! وڻجارن جي، سِرُ ٻڌ ڏينديس سَٽ

## داستان ڏيو

[ ١ ]

ڏوها ڪالهه ڪٿي، وڏ ڏئون^ اُترَ آسري
الله! جهڙي مَ آن جهي، اولي جيي آڻيي^
وڻجارن، وڻي^، وڪر وڏو هيڙيين^.

[ ٢ ]

ڪوها ڪالهه ڪٿي، اُن وڏا اُترَ آسري
مَرَڪ مُحمّدَ جام جيي^، اُن ڪهي وَمَ وٺيي^
جتنيي^ ڏوڄ ڏٺيي^، سهي پَراڙ صُبحيي^
پوُ^رينديون^.

[ ٣ ]

ڪَرَ قُلَ، قـوتـا، پارچا، پاٿيٿَ پاتاڻون
ڪونيون قيمَتَ سَنڌيُون، تَرَ ۾ تاڪياڻون
لاڄن مَنجهيِ، لطيفُ چئي، پيڙا پڌائون
نَظَرُ نَبيءَ جامَ جو، چڙهندي چيائون
جي چوهي چوڙيائون، سي پيڙا رَ ڪين پاڄهه سين.

[ ٤ ]

ڪَرَ قُلَ، قـوتـا، پـارچا، اوتيٿاڻون عَبيرُ
مَهندُون مُهـري مُصطفيٰ، اولي ويهـ آميرُ
لَنگهائين، لطيف چئي، سَنڌري سَمَنڊَ سيرُ
بَرڪَتَ مُحمّدَ ميرُ، جو ڪو تئي ۾ جَهاز ڪي.

[ ٥ ]

سيڙهـ سَوان، لاڄـو نَوان، اولا جَنيي عاجَ
ساڻيي سَفَرِ هَليٿا، پَـري جَنڪَ جَهاجَ
حاصُلُ ڪَريهين حاجَ، واحدَ وَڻجارَنِ جيي.

[ ٦ ]

ڪوها تا ڪَڄَنَ، وَرَڪَنِ آييون وانڱُٿيئُون
ساڻباهيي سَمُونڊَر جيي، ڪالَهئُون پوءِ تا ڪَنَ
ڏُون پَچَنڊيـن، تَـن، جَهُ ڏيٿيي سيڙهـ
سيڙُ تيٿا.

[ ٧ ]

پُران مـانَ پُڄان، بَنڌَرَ مـون ڏور ٿـئـا
نه مُون هَڙَ نه هَنڄ ڪين، چَئيي جو چڙهان
تيهَين ڪج پاتيٿي! جِنهَ پَرِ پيرينءَ ميڙان
ڪارُون تي ڪَريان، تـو دَرِ آييي ناڪَئا!

[ ٨ ]

ڪارون جيئن ڪجن، تيئن تو آيل
نہ ڪيون
ٻيهر وڻجارن، موٽي ورڻ نہ ٿئي!

[ ٩ ]

وڏڙا ڪالهہ ڪري، ٻارهن ماہ نہ موٽيا
لڳي تن گهري، ڪيهڙيون هنجهون هاريان.

[ ١٠ ]

سامونڊين سڄهہ سنباهيا، آتر واءُ وريون
ٻارهن ماہ نہ موٽيا، سمنڊ ڪاڄ سريون
ٻرر ٻرر سوڙ سنڌون، اڄ ڪنهين سين
اوريان.

[ ١١ ]

سامونڊين سڄهہ سنباهيا، آتر ورين واءُ
ٻارهين ماہ نہ موٽيا، سمنڊ آئين ساءُ
جيڪس لڪا ڪانءُ، اوڏهين آسودا ٿيا.

[ ١٢ ]

سامونڊين سڄهہ سنباهيا، ورين واءُ آتر
ٻارهين ماہ نہ موٽيا، ويا پروڪي پر
سڄان سامونڊين ري، بازاريون بندر
ڪٿيو سور ثمر، اڄ ڪنهين سين اوريان.

[ ١٣ ]

اولا ڪٿي اوء، پڳهہ چوڙي پنڌ ٿئا
آيل! سامونڊين جي، آہ آڙانگي جوء
ڪڏهين ڏسنديس روء، وري هين
آڪين سين.

[١٤]

لڳي آنر هير، سامونڊين سيڙهه سنباهيا
ننگر ڪٽي ناڪئا، ٿئا سٽائي سير
هنيئڙي نيت اکير، ڪاري ڪپڙائن جي.

[١٥]

لڳي آنر اوهرڙا، واهوندي ورن
آءُ گهٽو ٿئي گهوريان، سودو سامونڊين
آڳن جن آچن، عيد ور ٿيئي اُن کي.

[١٦]

پڳه پنڌ پروڙ، آئل سامونڊين جا
سانڊارو سمونڊر جو، آهي ڏوران ڏور
کي لنگهيا ٻيڙين پور، ڪني وئي
ورهين ٿيا.

[١٧]

ڪپڙائن ڪارو، سنجهي ساريو
آئل! آمارو، آتن پرين پار جو.

[١٨]

ڪاري ڪپڙائو، ميٺي مون نه موٽيا
سوڌو ڪن نه سون جو، وڏا وهائو
موتي جي ميهراڻ جا، تن ۾ طامائو
سامونڊي سائو، لڪا لوهي آئيا.

[١٩]

لڪا لڪا ڪن، لئه لڪا جي اهڙا
سٽي سون لڪاءَ جو، سنگ نه سامونڊين
پيره پڳه ڇوڙيا، ڪاري ڪپڙائن
وڏي ياڳ پيڙن، جي ڪهيا ڪارونيار ڏي.

[٢٠]

وڻجاري وري، پيره پڳه ڇوڙڻا
اوليون پسي آن جون، پٽڙم ڳچ ڳري
وينديس ماءِ! مري، ساري سامونڊين کي.

[٢١]

وڻجاري واري، پيره پڳه ڇوڙڻا
کيڙائو ڪاري، سنڀوڙا، سيند چڙهي.

[٢٢]

وڻجاري وائي، سدا آهه سفر جي
آيل! اهائي، مونکي ماري ڪاهيڙي.

[٢٣]

اَڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون
مون آبيٺي هليا، بندر جن ترن
سرتيون سور سندن، مون مارينڌو جينڌڙي.

[٢٤]

اَڄ بہ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون
هلڻ هارا سپرين، رُسان تان نہ رهن
آءٌ جهلينديس ڪيترو، آيل! سامونڊين
پڳه ڇوڙي جن، وڏا پيڙا ٻار ۾.

[٢٥]

وڻجاري ڪانڌا، ڪوري ڪانڌ نہ ڪريين
آتيو آڏائيا، تو ڳر ڏيندو ٻانهڙي.

[٢٦]

وڻجاري جي وير، سو سين گهوري گهوريان
وڃن ولاتن مان، آهي ڪندو ڏير
تو جهڙيون تنهن وير، [آت] آڏارڻ ايندڙيون.

[٢٧]
وڇڙيءَ وِسري شالَ! جو تون سؤدو سڪئو
اڄان آئين ڪالهه، پڻ تو سفر سنڀهين.
[٢٨]
وڏڄاري جي ماءِ، وڏڄارو نه پليين
آيو ٻارهين ماهه، پڻ تو سفر سنڀهي.
[٢٩]
جر تڙ ڏيا ڏي، وڻ ترڻ ٻڌي وانڍيون
الله! ڪانڌ آڇي، آسائتي آهيان.
[٣٠]
جا جر جاتريون نه ملهي، ڏيئا نه موهي
سڏون ڪوهه ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.
[٣١]
آءٌ جڻ آساري، متي تڙ گذاريان
مونکي وساري، شال مر وڃن اوهري.
[٣٢]
آهيين آساريءَ، متي تڙ گذاريين
تو ڪيئن وساري، سنگت سامونڊين جي.

وائي — ١

آئين آڇي پسو، جيڏيون ووا
هيءَ جو وهه منهنجي جندڙي
هيءَ جو حال منهنجي جندڙي
١. پاڻي ورتڙا ٻيڙ مر، منجهان ڪرس ڪسو
٢. ڏيئي ورتڙا ڏاهه ڪي، سورن جو سرسو
٣. آئون ڏوريندي آن ڪي، ڏيئي تن تسو
٤. ساءُ نه آيان سور جو، هاريون! تيون هسو

٥. متان ويهو وپسريون! رڙهو تان رسو
٦. منڊائتي ميينهه جيئن، ويرو تار وسو

واڳي – ٢

هوءَ جا وريا هٿي، آءُ تنهن جڙ جڏي ڪي
١. وڏاڏون اُتر آسري، ڪوها ڪالهه ڪٺي
آءُ تنهن جڙ جڏي ڪي
٢. سڙهه ڏيئي سيڙ ٿڌا، ڇڙي تندڻ تٽي
آءُ تنهن جڙ جڏي ڪي
٣. وڙ چاڙهيو پيڙيين، وڏيجاري وٽي
آءُ تنهن جڙ جڏي ڪي
٤. الله يڇ مَ اُن جي، اولي جيي آٽي
آءُ تنهن جڙ جڏي ڪي
٥. ساموندي جي سنگ جيي، هنيين حُبّ گهٽي
آءُ تنهن جڙ جڏي ڪي
٦. اُن سين، عبداللطيف چئي، ميڙيندوم ڏٽي
آءُ تنهن جڙ جڏي ڪي

## داستان چوٿون

[ ١ ]

لاڄو تا لوڻن، آچن سڙهه اُپڙڻا
ڪارڻ نن پيرين، ويٺي وات نهاريان.

[ ٢ ]

اُيمون تڙ پوچين، وهون وڏيجارن جون
آٽيو آڪا ڏيڻن، ڪتوري سمونڊ ڪهي.

[ ٣ ]

پَٽَنِ پوءِ پَچارَ، آنءُ ڪهي سيڙهه وينڊا ڳَڏِ ٿا
اَڪنڊَ مُون آپارَ، شالَ منهنجا مُوٽَن ٿا.

[ ٤ ]

آڳَهِ آيا جانءُ، تہ سَرتيُون مون سُک ٿيا
اَسَلَ پرينءَ مٽانءُ، ٻَرڪيو پٽَنِ ڏيانءُ.

[ ٥ ]

وِڌو ڪانگ لَٿيءُ، واڌائي وِصالَ جيءُ
اڄ هي سَڄَڻَ آئيا، وَڏي ناهِ ڏَهيءُ
وَيَتَ سي وَٿيءُ، سهڻ سَلامَتَ آئيا.

[ ٦ ]

آچَن اُهيئيءُ، جَنِ لَئِهِ ڪانگ اُڏائيانءُ
ٻيڙيءَ اتا ٻيڙين ۾، پيا پَٽَنِ سَپيئيءُ
سامُونڊيءُ سيئيءُ، جَنِ واهَڻَ ڪَتوريَ واسيا.

[ ٧ ]

چَمَڪيُون چَوڌارَ، ڏَجُون ڏاڙيچَنِ جُونءُ
ماءِ! سامُونڊيءُ آئيا، سَهس ڪَري سينگارَ
تَنيءُ جيءُ تَوارَ، ڪالهَونڪَرَ ڪانگ ڪَري.

[ ٨ ]

سيڙهه سَوانءُ، لاچُو نَوانءُ، مَٿَين مُهاڻا ميڙ
سائيءُ سَفَرِ هَلِيا، تيئا سَٽاوا سيڙ
جي آچَن ساڻُ اَڪيرَ، سي ٻيڙا رکين ٻاجهہ سين.

[ ٩ ]

آچَن سيڙهه اُپَڙِيا، مَٿَين مُهاڻا مَلّ
جي آچَن آبَ اُچَلَ، سي ٻيڙا رَکينءُ ٻاجهہ سين.

[١٠]

آچن سيڙهه اپڙندا، متين مهاڻا ميرَ
جي سرن، تنهنجي سيرَ، سهي پار لنگهائين
ٻيڙا.

[١١]

سيڙهه ٿي سيبيائون، بندر جن ترن تي
سرتيون ساموندين جون، ڏکيون ڏچائون
آيل! تن آئون، موٽيو ڪين وسهان.

[١٢]

سيڙهه ٿي سيبيائون، بندر جن ترن تي
ڪوهه سيڙهه اوليون، قلميون ڪيائون
پنيون مدائون، ڪنڌ کيڙائو آئيا.

[١٣]

سيڙهه ٿي سيبيائون، بندر جن ترن تي
سيڙهه سيبي ساڃا ڪري، ڪوهه ڪنيائون
ٻيڙقون ٻحرن ۾، ڇوڙي ڇڏيائون
لهريون لنگهيائون، لطف سان لطيف چئي.

[١٤]

سيڙهه ٿي سيبيائون، بندر جن ترن تي
ملا معلم خبرون، ڀڄي ڀوريائون
سترَ سونٽائون، آو تتر ڪنه نه اوليا.

[١٥]

اوريان ٿيي آئين، مهڙئو معلم خبرون
سا! تان سڌ نه ڏين، جيئي وهه ويڏ ڪري.

[١٦]

هڙ ۾ ڪين هئون، هونئين هن نه چاڙهئا

تَرسَنڌي تَـڙَن تـي، لَهـي سِـڄ وِئـون
جَڏَهن سائينءَ سَبَبَ ڪِـئـون، سُتـَڙ تـيـئـا
سَـيّـد چَئي.

[١٧]

بَنڌَرَ بـارو بـار، مَـٿـلَ نَـه مَلِـيـبارِيـهِن
فَقِيرَاڻي پـار، اَمَـلَ ڏِيـن آتـورِ ڏِـا.

[١٨]

سَفَرَ سُکِيرونِ، هَـوَن سَلامَتَ سَپِيرِيـن
چَڙهِيا جـو چِـيـتَ ڪَـرِي، پَنو سو ڪاچونِ
تِيئان م يَاڳـونِ، جِيئان سـون ڏِيـئـي هَـلِـئا.

[١٩]

وِڏو يَاڳُ سَندونِ، جِئَن مَـڪو پِـهِـتـي مـوتِـيـا
وَڃِـيِ سو ڏِـٺـونِ، روضو پاڪَ رَسولَ جو.

[٢٠]

آچَنِ سِـڙهَـه اُپَـڙِئـا، مَتَنِ کَـپـڙَ کوٽَ
سامونڊِي مون گهوٽَ، سِـهِـيَ سَلامَـتَ آئِـيـا.

[٢١]

سِـڙهَـه سُـچـاڙيُو چـوءِ، ماءُ! سامـونـڊِي آئِـيـا
مانَ مُنهنجو هـوءِ، جـانـي هـيـنَ جَـهازَ ۾.

[٢٢]

وانڄَـيُـون تِـيـئـون وَرَڪَـنَ، آچانِ سِـڙهَـه
نَـه پَـڌَرا
اَيِـيـمُـون سـهي مَـرَڪَـنَ، جـنـي سَـنـڌا آئِـيـا.

[٢٣]

کُـوَهَـنِ سِـرِ وانڄِـيُـون، وانڄِـيـهِن سِـرِ گهَـنڊَ
کَـهِـڙي کَـهِـڙي کَـنـڊَ، ماءُ سامُـونـڊِي آئِـيـا.

[٢٤]

ماء وِلاتيءِ موٽيا، تَڙِ ٿا تَواريُنِ
وايُون وَڻجارَنِ جُون، جِيَ کي جيارِيُنِ
ڪيليو ڪِيڪاريُنِ، سِپِيَ سَلامَتَ آئيا.

[٢٥]

تَڙيِنَ تَواريُنِ، ماءُ سامُونڊيءَ آئيا
مَيَ کي جيارِيُنِ، وايُون وَڻجارَنِ جُون.

[٢٦]

جَنيءَ ڪارَڻِ مَنُون، تَڙَ پَونجارا پُڇيا
پَنيمَرِ اُميدُون، سِپيءَ سَچُوَ آئيا.

وائي - ١

